ساهت ۽ ڪلا جي


رچنا

167



پدم شري شانتي هيرانند

سنڌالاجيءَ ۾ پروگرام - ٢٠٢٠ع

ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي هندي ڪهاڻين جي ڪتاب جو مهورت




هوليءَ جي موقعي تي ڊانس، ڊراما، سنگيت ۽ راندين جو پروگرام




م. م. ڊراميٽڪ ڪلب طرفان مڪيش تلوڪاڻيءَ سان ملاقات ۽ سنڌس چترن جو نمائُ

اِشاعت جو ٻائيتاليهون سال

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا - ۱۶۷

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Mukesh Tilokani
ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

سال : ۴۲ **Year - 42**

انڪ : ۱۶۷ **Vol - 167**

(July - Sept. 2020)

جولاءِ - سپٽمبر ۲۰۲۰

في انڪ : ۶۰ رپيا

Price Rs. 60/=
Annual Subscription Rs. 200/=
Life Subscription Rs. 2000/=

ڀارت کان ٻاهر :
۱۰۰ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

همت کي شاباس، ساٿي همت کي شاباس

راھ ڏکيري پنڌ اَڻانگو،

سِرَ جو ڪرڻو ناهي سانگو،

وجھ منزل تي قدم ڪَرارو،

رک مقصد جي آس

همت کي شاباس ساٿي ...

رات اَنڌاري ڪاري ڪاري،

گھور گھٽا ڇانئي چوڌاري،

ڪِنوڻ ڪِنوي طوفان ڪنبائي،

ڦاٽي پل آڪاس

همت کي شاباس ساٿي ...

پريوءَ در اَوهان سيني سڄڻن لاءِ شڀ ڪامنائون ۽ شڀ اِڇائون.

رچنا مخزن تي توهان پنهنجا ويچار، سُجھاوَ، رايا لکي موڪليندا. پنهنجون اَڻ ڇپيل رچنائون بہ جلد پوسٽ، اِي. ميل تي ڏياري موڪليندا تہ خوشي ٿيندي.

مڪيش تلوڪاڻي

Editor :
'RACHNA' Magazine,
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
P.O. BOX - No. 10 (Ward 4A)
ADIPUR (KUTCH) 370205
Email : sindlogy@yahoo.com, PH : (02836) , 261569

Published and Printed by Shri Sahib Bijani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Scan Computers Commercial Art Printers, 3, Radhyshyam Apartment, Naroda Road, Ahmedabad - 382340. Editor : Mukesh Tilokani.

اَسان جي طرفان

سارنگ ! سارَ لَهيجِ، اَللہَ لَڳِ اُڃين جي،
پاڻي پوکَ پَٽَنِ ۾، آرزان اَن ڪَريجِ،
وَطنُ وَسائيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿئي.
- شاھ

سانوڻ جي سهڻي باغ بهار موسم اَچي وئي آهي. وڻن ۾ تازا ساوا پَنَ ۽ ٻوٽن ۾ سُرها رنگبرنگي گُل ٽڙيا آهن. پر سيني جي چهري تي هلڪي نراشائي چانئيل صاف ڏسجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هن سال ٢٠٢٠ ۾ ڪيترا اِنسان قدرتي آفتن کي منهن ڏيندي الله کي پيارا بہ ٿي ويا آهن، تہ ڪي بيوس بڻيا آهن.

مٿان بيروزگاري، مهانگائي، ڏينهون پوءِ ڏينهن وڌي پيئي چوٽ چڙهندي. پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت وڌي پيئي وڌندي، وات ڦاڙيندي.

هاڻ اِنسان کي پاڻيءَ جو گلاس بہ مفت ۾ نٿو ملي. اُهو بہ بازاري ڪمپنين جو خريد ڪري پيئڻو پوي ٿو. اَلائي ڪٿي مُلڪ پهچندو ۽ هُنجي پنيان مسڪين عوام !

هڪ طرف بيمارين ماڻهن جو بُرو حال ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف ڌنڌن روزگارن ۾ ماٺائي ڇانئجي وئي آهي، ٽيون ورلڊ وار (لڙائيءَ جو انديشو - ڊپ). هرڪنهن جي اندر ۾ بس هڪ مايوسيءَ جي لهر ڇانئجندي پئي وڃي. الله ايشور سڀ خير ڪري. پوءِ بہ اُميدون اِڇائون، آشائون، برقرار رکندي سڀَ ڪنهن کي قدم سان قدم اڳيان وڌائڻو آهي. ۽ آشاوادي بڻجي قومي شاعر هوندراج 'دکايل' ماڻڪ جو لکيل گيت گنگنائڻو آهي.


۾ مان ڪٽني ۾ روانو ٿيس. وري ۱۹۵۰ ۾ گانڌيڌام ڪي سنڌين جي ڪلچرل سنڌ ناهڻ جي مقصد سان گهڻائي دوست اَچي گانڌيڌام ۾ گڏ ٿياسين. انهن دوستن ۾ سڳنارام لاڏڪاڻي، ڀڳوانداس ابيچنداڻي، گوپالداس درياڻي، هيرو ڪلياڻي، ليلو سيرواڻي، آسن واسواڻي، پريتم، مان ۾ ٻيا به ڪيترائي دوست هئاسين. اسان هتي 'نويوڪ گروپ' نالي سنستا ناهي گانڌيڌام ڪي ڪلچرل شهر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

آديپور ۾ مان، پريتم ۾ پريتم جو وڏو ڀاءُ گڏ رهندا هئاسين. سترهن وارين جاين ۾. روٽي پاڻ ڪندا هئاسين. منهنجو ڪم هوندو هو ڦلڪا پچائڻ. پريتم جو وڏو ڀاءُ ڀاڄي ناهيندو هو ۾ پياري پريتم جو ڪم هو ٻاسڻ ملڻ! ها، پريتم منڍ کان وٺي بيحد نسوارتي شيواڏاري تي رهيو آهي. مون چيو ته مان ڦلڪا پچائيندو هوس. منهنجا ڦلڪا خاص هوندا هئا. هڪڙو هوندا هئا بيحد ٿلها - جهڙا ڊبڙ، ٻيو سڻي گيهه ۾ ٻُڏل. ان ڪري ائين چئبو هو ته هيءُ ڦلڪا معنيٰ 'مانيءَ مڙس ۾ تِڪيءَ چوڪَرُ'. مطلب هڪُ ڦلڪو کائڻ سان پيٽ ڀرجي ويندو هو!

۱۹۵۴ ۾ مون شادي ڪئي ته اسان جو رهڻ جدا ٿيو. پر ڪم ڪرڻ گڏ رهيو ۾ دوستي قائم رهي. ۱۹۵۰ کان ۱۹۶۲ تائين مان آديپور ۾ هوس. پريتم جي ئي زور بار سبب مان ۱۹۵۳ ۾ پريتم سان گڏ مئٽرڪ جي امتحان ۾ وينس ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس. منهنجي پوءِ جي ائڪيڊمڪ واڌاري جو آڌار اهو پريتم جي پريرڻا سبب پاس ڪيل مئٽرڪ جو امتحان ئي آهي.

۱۹۶۲ تائين مان آديپور جي مئٽري اسڪول ۾ ٽيچر هوس ۾ پوءِ پوني جي ڊيڪن ڪاليج ۾ فيلو بڻجي پي. ايڇ. ڊي. جي پڙهائي ڪرڻ لڳس. جلدئي مونکي يو.جي. سي. جي فيلوشپ ملي ۾ ڊيڪن ڪاليج ۾ مون واري جڳهه خالي ٿي جنهن تي پريتم چونڊجي آيو. ائين اسين پوني ۾ وري گڏجي وياسين.

شرڌانجلي/ ستيش روهڙا



پريتم ورياٽي

(جنم : ١٥ جنوري ١٩٣٠ (نصرپور) - ديهانت : ٣ آگسٽ ٢٠٢٠ آديپور)


پريتم هليو ويو ....

پريتم هليو ويو ...

ها، هن رڪشا ٻنڌن يعني ٣ آگسٽ ٢٠٢٠ تي پريتم ورياٽي، هن لوڪ کي ڇڏي پرلوڪ ڏانهن روانو ٿي ويو. پريتم نوي سالن جو هو.

هيءُ لوڪ ڇڏڻو ته هرڪنهن کي آهي پر ڪن جو هيءُ لوڪ ڇڏڻ ڪافي ڏکدائي ثابت ٿئي ٿو. جيئن پريتم جو وڃڻ مون لاءِ ! پريتم منهنجو اَهڙو دوست هو جو مان نٿو سمجهان ته سنڌين ۾ اهڙا ڪي گهڻا دوست هوندا. مان ۽ پريتم ٻاهتر سالن کان دوست هئاسين! ها، ٻاهتر سالن کان ۽ ويجها دوست!! ورهاڱي کان پوءِ ١٩٤٨ ۾ اَجمير ۾ اسين گڏياسين. هڪ ئي سنسٿا سان جڙيل هئڻ سبب ڪافي ويجها هئاسين. نرواسين جي سيوا لاءِ پريتم ٻامبي

اُلٽ ڪوتا/ آنند کيماڻي



مونکي فخر آهي تہ
مان سنڌي آهيان
مون سنڌي ماءُ جي
ٿڃ پيتي آهي
۽ منھنجي رڳن ۾
سنڌو جل پرواهت آهي.

سنڌ جي
وارياسن گرم - تتين هوائن
منھنجي جسم کي
اوُج ڏني آهي.

مون ٻالپڻ ۾
طوطلي سنڌيءَ ۾
ڳالهايو آهي
۽ وڏي هوندي
سنڌي ساهت جو
واس ورتو آهي.

اوچتو منھنجي
ڪميونٽيءَ جي
وروڌ نہ ڪرڻ جي ڪمزوريءَ
جي
پس منظر ۾
سنڌوءَ جي آر پار
سوارٿي سياستدانن
اره زوراواري ڪري
مون کان سنڌ ڦري
سڄي جي سڄي
پاڪستانين کي ڏيئي ڇڏي
۽ مونکي موٽ ۾ موچڙن جو
ڏپ ڏيکاري
سنڌ مان لوڏي
هند پڄايو.

۽ مان مورک
مڃي وينس تہ
سنڌ ويئي تہ ڇا ٿيو
هند تہ آهي نہ!

١٩٦٦ ۾ مون پي. ايچ. ڊي. لاءِ ٿيسز مڪمل ڪري پيش ڪئي ته منهنجي فيلوشپ بند ٿي ويئي ۽ فيلوشپ بند ٿيڻ جي ڪري مونکي ڊيڪن ڪاليج پاران مليل ڪوارٽر به خالي ڪرڻو پيو! هاڻي نه مون وٽ جيون گذارڻ جو ساڌن هو ۽ نه رهڻ لاءِ اجهو! جيون گذر لاءِ منهنجي شريمتي ڦولونتي روهڙا ميرا اسڪول ۾ پارٽ ٽائيم ڪم ڪرڻ لڳي ۽ اجهو ڏنو منهنجي دوست پريتم ورياڻيءَ ! ڊيڪن ڪاليج پاران مليل پنهنجي ٻن رومن واري ڪوارٽر مان هن هڪ روم اسان کي رهڻ لاءِ ڏنو! ڇهه مهينا اهڙو جيون جيئڻ کان پوءِ مونکي بنارس يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچررشپ ملي.

بنارس يونيورسٽيءَ ۾ مان هندي ۽ ڀاشا وگيان کان سواءِ 'انسٽيٽيوٽ آف اِنڊالاجي' ۾ به پڙهائيندو هوس. تڏهن ئي مون سوچي ورتو هو ته رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' برپا ڪندس. ان سوچ جي ڪارڻ ئي مون ڪونج جي ايڊيٽر هري موٽواڻيءَ جي پريرڻا سان ١٩٧٣ ۾ ڪونج جو خاص 'سنڌالاجي' پرچو ايڊٽ ڪيو هو. 'سنڌالاجي'ءَ جي ان سپني جي روپ ريکا بابت ويچارن جي ڏي وٺ منهنجي ٿيندي هئي پريتم ورياڻيءَ سان.

١٩٨٩ ۾ مان رٽائرڊ ٿيس ۽ سنڌالاجيءَ جي سپني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ مان ١٩٩٠ ۾ آديپور هليو آيس. جلد ئي پريتم به رٽائرڊ ٿي پوني مان آديپور هليو آيو. هتي لکمي ڪلاڻيءَ جهڙو دلبر دوست موجود هو جنهن ١٩٨٦ ۾ ئي اَچي آديپور ۾ ديرو دمايو هو. بس، پوءِ ته اسان ٽنهي يارن لکمي، ستيش - پريتم جي تياريءَ اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو پايو وڌو ۽ پوءِ لڳاتار ٽيهه سال سنڌالاجي اسان جي جيون جو مقصد بڻجي پيئي.

۽ هاڻي پريتم، لاطمع، اصول پرست، جفاڪش شيواڌاري پريتم، سنڌيءَ جو شيدائي ۽ سنڌالاجيءَ جو جنوني ساٿي پريتم هليو ويو...

منهنجو ٻاهتر سالن جو ويجهي ۾ ويجهو دوست هليو ويو.

تہ بہ مونکي فخر آهي
تہ مان سنڌي آهيان
۽ هند کي بہ
فخر آهي
تہ مان سنڌي آهيان
۽ اهو دنيا جو
يگانو فخر آهي
جنهن جي
تحت، نہ مان هند ۾
سنڌ ٽڪرو گهران ٿو
۽ نہ هند
هڪ وشال آندولن جو
سامنو ڪري ٿو
شانتي ئي شانتي آهي.

سنڌي معنيٰ شانتي
هند ۾ بہ تہ سنڌ ۾ بہ
سنڌي ماءُ جي ٿڃ
۽ جسم ۾
سنڌو جل جي پرواهہ جي مڪسچر ۾
غضب جي ڪمزوري
پيدا ڪرڻ جي
طاقت آهي!

سنڌي هندو
ڌرتي ماتا لاءِ
لڙڻ مرڻ بجاءِ
ڀڄڻ بهادري ٿا سمجهن
۽ سنڌي مسلمان
سنڌ ڌرتيءَ تي رهڻ
جي باوجود
مقابلي جي قوت ذوق نہ هئڻ
ڪري
پاڪستان جا
سيڪنڊ ڪلاس شهري
بڻجي
روز بہ روز
موچڙا کائي
ذلت ڀري زندگي
جي رهيا آهن
تہ بہ
بہ - فخر آهن
تہ سنڌي آهن.

Block No. B-a-Q
Flat No. 47 - B, Jankpuri,
New Delhi - 110050

اڄ - لکي آس هئي
تہ مونکي
هند ۾ سنڌ ملندي.

پر هند منهنجو
شرڻارٿيءَ جي روپ ۾
سواگت ڪيو
۽ مونکي واقعي موقعو ڏنو
تہ هت مان وڻج واپار ڪريان
نوڪري چاڪري ڪيان
ڌن دؤلت ڪمايان
سُک سوڀيا ۾ رهان

مون
يعني سنڌين
ڀارت ۾
اسڪول ڪاليج کولي
هاسپيٽلون ڌرم شالائون
ٺهرايون
جتي سنڌين کان وڌيڪ
غير سنڌي لاڀ
وٺي رهيا آهن.

مون ڀارت ۾
ٻار ٻچا پيدا ڪيا
۽ انهن کي بہ
بن پرانت
سنڌي بڻايم
۽ سنڌي هئڻ تي
ناز ڪرڻ جو
پاٺ پڙهايم.

هند مون کان
سنڌ ڇڏائي
بدلي ۾
هند ۾ نئين سنڌ
کو نہ ڏني
تہ بہ مان
بيگاني شاديءَ ۾
عبدالله ديوانا وانگر
هر سال
جشن آزاديءَ ۾
ڀانگڙا ڪندو آهيان.

هتان جي لوڪن لاءِ
جشن آزادي
هند پائڻ آهي
تہ مون لاءِ
جشن آزادي
سنڌ وڃائڻ آهي.

ٻڌاپو آهي
ميلي جي موت
رستو اڻ ڇاڻل
پير ٽڪل !

ٻڌاپو آهي
خالي کيل ٽفن
پوئين پڙ ۾ بڇيل
ڦلڪو بنا ڀاڄيءَ جي !

ٻڌاپو آهي
مداريءَ جو کيل
من جو مداري نچائي
رهجي ويل اُميدن جا باندر !

ٻڌاپو آهي
واندڪائيءَ جو دڪان
نہ ڪو سَودو
نہ ڪو گراهڪ !

ٻڌاپو آهي
قائمي ننڊ جي گوري
وهاڻي هيٺان رکيل !

ٻڌاپو آهي
سوادن جو ٻکيو
پيٽ ڪي پر
ڪو نہ پوي قبول !

ٻڌاپو آهي
پڇتاوَن جي پڙيڪي
نہ سڪي سگهجي
نہ سهي سگهجي !

ٻڌاپو آهي
حڪمت جو هَٽُ
روز نا هي
نسخا نوان !

ٻڌاپو آهي
ڦڪي جلاب جي
روز رات جو
پلڄي وڃڻ جي چاهہ !

ٻڌاپو آهي
ٻيڄ جو چنڊ
رات چانڊوڪي
تجلو ندارد !

ٻڌاپو آهي
لهندڙ سج عمر جو
سمائجي سمنڊ ۾
پر صبح تائين !

ٻڌاپو آهي
ري گهُري صلاح
پاڙيسري پيو روز
پڇتائي مَن ۾ !

ڪوتا / نامديو تاراچنداڻي



ٻڍاپو

ٻڍاپو آهي
ويٽنگ روم
اڻ چاهيل جو انتظار!
ڪري پيو هت هر ڪوئي

ٻڍاپو آهي
يادن جو باغيچو
ڪومايل ڪلين جون سڀ ٽاريون
وقت جي بار سان جهڪيل آهن !

ٻڍاپو آهي
سانڍي رکيل نوٽن جي تجوڙي
دِل جي آٿت
نوٽ بنديءَ کان بي خبر !

ٻڍاپو آهي
يادن جو هوا محل
اڏامندو رهي ٿو من
وقت جون سرحدون پار ڪري!

ٻڍاپو آهي
خالي بادل
آس جڳائي پر برسي ڪونہ ڪڏهن پيي!

ٻڍاپو آهي
ويسر جو گهر
من بدلائيندو رهي ٿو
دوستن دشمنن جا نالا
هڪ ٻئي ۾ !

ٻڍاپو آهي
راڳ هڪڙوئي
ڳائيندو رهي ٿو
جواني ڏينهن چار !

ٻڍاپو آهي
ناچ گهر ننڍڙو
نچندو رهي ٿو من
پنهنجي ارد گرد !

ٻڍاپو آهي
ري گهُري صلاح
پاڙيسري پيو روز
پڇتائي مَن ۾ !

ٻڍاپو آهي
ليڪ ٿيل ٽانڪي
ٽپڪندو رهي ٿو
ڦڙو ڦڙو عمر جو !

ٻڍاپو آهي
بي پرواهه بادشاهه
نه سرڳ جي چاهه
نه نرڳ جي دانهن !

ٻڍاپو آهي
پنهنجو پاڻ کي
ڏنل ڪو ڏوراپو
جيڪر هئن ڪجي ها !

ٻڍاپو آهي
مَن ۾ لڪل مُرڪ
پنهنجي مَڙهيل مورت تي
گلن جو ڏسجندڙ هارُ !

ٻڍاپو آهي
پيڪڙيل دَر
الائي ڪڏهن
کڙڪائي ڪوئي !

ٻڍاپو آهي
اڻ مَيي موڪل
پرپينلٽي لِيو !

ٻڍاپو آهي
ڦِٽي ويل کيرُ
وِرلي ڪو
ٺاهي پنير !

ٻڍاپو آهي
هڪڙي رهجي ويل چاهه
بيءَ طرح جيئڻ جي !

ٻڍاپو آهي
آشيرواد جڳ کي
تون پل رهه
مان پر هلان !

50, Narayan Garden,
Geotri Vadodara - 390021
Mob. 9925008942

ٻڌايو آهي
شراب جو شائق
سُڪل چپ
پر جام خالي

ٻڌايو آهي
ميلي جي موٽ
رستوا ڻ ڇاڻل
پير ٽڪل !

ٻڌايو آهي
مداريءَ جو ڪيل
من جو مداري نچائي
رهجي ويل اُميدن جا باندر !

ٻڌايو آهي
قائمي ننڊ جي گوري
وهاڻي هيٺان رکيل !

ٻڌايو آهي
پڇتاوَن جي پڙيڪي
نه سکي سگهجي
نه سهي سگهجي !

ٻڌايو آهي
ڦڪي جلاب جي
روز رات جو
پلجي وڃڻ جي چاهه !

ٻڌايو آهي
لهندڙ سج عمر جو
سمائجي سمنڊ ۾
پر صبح تائين !

ٻڌايو آهي
خالي ڪيل ٽفن
پوئين پڙ ۾ ٻڇيل
ڦلڪو ٻنا ڀاڄيءَ جي !

ٻڌايو آهي
واندڪائيءَ جو دڪان
نه ڪو سَودو
نه ڪو گراهڪ !

ٻڌايو آهي
سوادن جو ٻڪيو
پيٽ ڪي پر
ڪو نه پوي قبول !

ٻڌايو آهي
حڪمت جو هَٽُ
روز ٿاهي
نسخا نوان !

ٻڌايو آهي
ٻيهج جو چنڊ
رات چانڊوڪي
تجلو ندارد !



غزل/ مرلي گوونداڻي

عمر جي چوٽ تي چڙهيس، پُڇندي پُڇندي،
زندگي مستيءَ ۾ گذاري، کِلندي کِلندي.

١. نہ ويرُ نہ خلافت نہ ئي ڪئي ڪوتاهي،
پوءِ بہ ناحق ڏنڊ ملن ٿا، اُٿندي وِهندي.

٢. خيرُ گُهريو آ شرافت سان خدا کان مون،
هر شيءِ مان خوشبوءِ طلبيان، سنگهندي سنگهندي.


٣. اُن جي سڏ ۾ ڪيڏي نہ غضب جي ڪَشِش هُئي،
وڌيل پير واپس وريا، هلندي هلندي.

٤. سرحد جي ٽِن سورمن کي لک لک سلام،
ٻاٽُ مُلڪ جو اوُچو رکن، مَرندي مَرندي.

٥. انداز جيئڻ جو سڀ جو ٿئي جُدا جُدا،
ڪو خوش خورم جيئي تہ ڪو، روئندي روئندي.

٦. فهرست اڇائن جي ڏگهي ٿيندي ٿي وڃي،
عمر تہ گذري ٿي خدا دَرِ نمندي نمندي.

S.A.X. - 34, Adipur
Mob. 8849603995



غزل / اَرجن چاولا

ڪو مڌر گيت ڳائجي ته سنو
سُر ۾ سُر ٻي ملائجي ته سنو !

زندگي پيار بنِ اَلوُڻي آ
دل به ڪنھن سان لڳائجي ته سنو !

پنھنجي ياري کي پڻ رکون قائم
توڙ تائين نڀائجي ته سنو !

ڏِل ڏيئي پوءِ حساب سان تاڻيون
اِئن لغڙ کي اُڏائجي ته سنو !

جاءِ جت ويني ڪو مزو نه اَچي
ماڳ اَھڙو مَٽائجي ته سنو !

وقت سڀ کي گھمائي پيو تو گھمي
وقت کي ٻي گھمائجي ته سنو !

روڳ بڻجي وڃي جي ڪو رشتو
تنھن کي ھڪدم ٽلائجي ته سنو !

بوجھه بڻجي وڃي جي نزديڪي
ٿوري ٿوري گھٽائجي ته سنو !

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)
Mob. 9759500081

غزل / ڪِرن پرياڻي 'اَنمول'



غزل

توسان ملن تا تنهنجا تي
مونسان ملن تا منهنجا تي

اَصل ۾ - ڌاري تلوار ماڻهو
هن دُنيا ۾ نہ ڪنهن جا تي.

اندر اُنهن جو اَٽن ڪارو
صاف اُنهن جا لهجا تي.

پُنيءَ تي ڪنِ وار مِنا
چا اُهي پرين پنهنجا تي.

هتڙي ڏس تون بہ دکي دل
رنگ عجيب دنيا جا تي

سامهون چئي ختم ڪن ڳالهہ
'اَنمول' اُهي ئي پنهنجا تي.

غزل

ٽتل شيشو دل جو بڻائي نہ سگهبو
پگهل ٽار وڻ جو لڳائي نہ سگهبو

ستل ساري دنيا جي انسانن جو
مئل ضمير ڪڏهن جاڳائي نہ سگهبو

نڪري وئي اِنسان مان اِنسانيت
ڪوڙي کي سچ سمجهائي نہ سگهبو

خوش رهنداسين سڀ پنهنجن سان
بنا ڏندن جي ڪجهہ چٻائي نہ سگهبو

ڪوڙ پلي ڪيترا حيلا هلائي هت
'اَنمول' سچ کي هارائي نہ سگهبو

Katuji Coloney
102, Tulsi Vihar
INDORE - (M.P) - 452007



غزل / سي. ٽي. گيانچنداڻي 'ساجن'

١. شراب سوين مون مئخاني ۾ ماڻيا
سرور تنهنجن نيڻن جهڙو ڪٿان آڻيان

٢. رڪان نظر تن تي جن جي نظر تو تي
لڪائي جڳ کان توکي دل اندر ڏاريان

٣. ڪري ديدار ديدن سان پيري ٿڌا ساهه
ڏيان راحت روح کي پاڻ کي پيي ٺاريان

٤. ٻڌي خوشبوءِ گهڙا تنهنجي اندر
اندر تنهنجي منجهه ويهي عمر ڀر گهاريان

٥. سدا سوچيان تو لئه، آ ساهه تو منجهه
ڳٽي تنهنجي منجهه پاڻ پيو ڳاريان

٦.وڃي سڀ وسريو ياد تنهنجي ۾
قبول ڪيل توسان قؤل ڪيئن پاڙيان

٧. لڳل ڪارين نظرن جي ڪاراڻ ڪڍڻ لئه
ٻڌائي روح کي چاڻي حُسن تنهنجو چاڻيان

٨. مرڪي نهاري جهڪي نظر جنهن جڳهه تي
ڪري سجدو، تنهن هنڌ تي مندر ٺاهيان.

S.E.X - 71,
Adipur - (Kutch) - 370205
Mob : 9898444534

سندر مون سان مخاطب ٿيندي پڇيو ”انڪل، توهين ديديءَ کي ڪڏهن کان سڃاڻو؟“

مون نرملا ڏانهن نهاريندي چيو - ”نرملا، اسين هڪ ٻئي کي ڪڏهن کان سڃاڻون؟“

نرملا گهڙي ڪن سوچيندي رهي پوءِ چيائين - ”مان سمجهان ٿي، اسين ١٩٤٩ يا ١٩٥٠ ۾ گڏيا هئاسين.“ سندر ڪجهه عجب ۾ پئجي وري پڇيو - ”ان کان پوءِ توهين وري هاڻي گڏجي رهيا آهيو؟ ١٩٩٩ ۾؟ يا وچ ۾ ڪڏهن توهان جو گڏجڻ ٿيو آهي؟“

”نه وري نه اسان جو گڏجڻ ڪونه ٿيو آهي“. مون جواب ڏنو.

”مطلب ته توهين پنجاهه سالن کان پوءِ گڏجي رهيا آهيو؟“ سندر حيرت مان پڇيو.

”ها، لڳ ڀڳ پنجاهه سالن کان پوءِ!“ مون مرڪندي جواب ڏنو ۽ نرملا ڏانهن نهاريو.“

” پوءِ به توهين هڪ ٻئي کي ڏسندي ئي سڃاڻي ويا!“ سندر جي آواز ۾ اَوشواس جهڙو عجب هو. ”يلا ان وچ ۾ توهان جي وچ ۾ ڪنهن قسم جو ليٽر، انٽرنيٽ وغيره تي ڪوئي سنبنڌ قائم رهيو آهي؟“ سندر پنهنجي حيراني گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيو.

”نه سندر، ان کان پوءِ نرملا ۽ منهنجي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو به ظاهر سنبنڌ قائم نه ٿيو آهي.“ مون ڪيس عجب جي گهيري مان ٻاهر ڪڍڻ جي اِرادي سان چيو - ”سندر، ڪي رشتا اَهڙا هوندا آهن، جيڪي نه زمين جي دوريءَ سان ۽ نه وري ڪئلينڊر جي سالن سان ماپي سگهبا آهن“.

سندر جي حيراني اڃا دور نه ٿي هئي. سندر واري واري سان نرملا ۽ مون ڏانهن نهاريندي چيو - انڪل، توهين دل ۾ نه ڪيو ته هڪ سوال پڇان. مون مرڪندي چيو ”پڇ“.



ڪھاڻي / ڊاڪٽر ستيش روھڙا

پھرين پياس

مون آفيس ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪُجھ لکيو ويٺي. اوچتو مونکي احساس ٿيو تہ ميز جي اڳيان ڪوئي بيٺو آهي. مون مُنھن مٿي ڪيو. منھنجي سامھون هڪ استري ۽ هڪ پرش بيٺا هئا. مون هڪ گھڙي استريءَ ڏانھن نھاريو ۽ پوءِ منھنجي وات مان عجب ڀري جڻ هڪ هلڪي دانھن نڪري ويئي -

”اَڙي نرمل“ ... منھنجو ڌيان پرش جي طرف ويو ۽ مون پاڻ کي درست ڪندي چيو - ”نرملا تون!“ اِستريءَ جي مُنھن تي مُرڪ هئي. مرڪندي چيائين - ”تہ تون مونکي هيترن سالن کان پوءِ بہ سڃاڻي وئين!“ ڪرسيءَ تان اُٿي مون کين ويھڻ لاءِ چيو مون پرش ڏانھن منھن ڪيو. منھنجي اکين ۾ سوال پڙهندي نرملا سندس واقفيت ڪرائيندي چيو - هيءُ منھنجو سوٽ آهي ’سندر‘. هن شھر ۾ سالن کان هن جو ڪٽنب رهندو آهي. سندر ڪانٽريڪٽر آهي. مان هنن وٽ گھمڻ آئي آهيان. سندر توکي چڱيءَ طرح سڃاڻي. ڪلھ الائي ڪيئن ڳالھين ڪندي هن شھر ۽ شھر جي سماجڪ سنستائن جي ڳالھ نڪتي ۽ ان حوالي ۾ ئي تنھنجو نالو آيو. مون کي من ٿيو تہ توسان گڏجان. سو هو مون کي هتي وٺي آيو آهي. ”اَڇا، ٻڌاءِ تہ تون ڪيئن آهين؟“ نرملا پڇيو، ”ٺيڪ ئي آهيان.“ مون چيو. ”ٺيڪ ئي“ ڇو؟ نرملا ’ئي‘ تي زور ڏيندي پڇيو. مان رڳو ٿورو مرڪيس - ڪوئي جواب ڪونہ ڏنم.

مون سندر ڏانھن نھاريو. سندر چاليھہ - پنجيتاليھن سالن جو ناهوڪو ڪلمڪ نوجوان ٿي لڳو.

مان سندر ۽ نرملا سان گڏ ٻاهر تائين آيس. ٻاهر سندر جي ڪار بيٺي هئي. ڪار هلي ته نرملا هٿ ٻاهر ڪڍي لوڏيو. مون به هٿ لوڏيو. ڪار رواني ٿي وئي.

سندر ۽ نرملا کي ڪار ۾ چڙهي مان آفيس ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي اَچي وينس پر پنهنجي ڪم ۾ من لڳائي نه سگهيس. منهنجي اڳيان پنجاهه سال اول واري نرملا جو چهرو اُڀري سامهون اَچي ويو ۽ اُن سان گڏ اُڀري آيون من جي اندر پنجاهه سالن کان سانڍيل يادگيريون.

۱۹۴۹ ۾ مان ۽ نرملا اَجمير ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. حقيقت ۾ اهو ڪو اسڪول ڪونه هو. هڪ ٽيچر پنهنجي گهر ۾ ئي هڪ ڪوچنگ ڪلاس هلائيندو هو جنهن ۾ رڳو اُهي وديارٿي پڙهندا هئا جن جي ملڪ جي ورهاڱي سبب پڙهائي چڙائجي ويئي هئي. هن ڪوچنگ ڪلاس ۾ اَهڙا وديارٿي مئٽرڪ جي امتحان جي تياري ڪري رهيا هئا. ڪلاس ۾ ۱۲-۱۳ وديارٿي هئا جن مان پنج ڇهه ڇوڪريون هيون. نرملا به انهن ڇوڪرين مان هڪ هئي پر هوءَ سيني ڇوڪرين کان بلڪل الڳ ۽ نرالي لڳندي هئي. هڪ ته هوءَ ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پائيندي هئي ۽ ٻيو ته سندس ڊريس به ٻين ڇوڪرين کان الڳ هئي. اَڇي ڪاڏيءَ جي وڏن پاڇن واري سنڌي پتلون، ۽ پورين ٻانهن وارو هلڪي گيڙو رنگ (جنهن کي ڪوڪٽي ڪلر چئبو هو) جو ڪڙتو جنهن ۾ ڪراين وٽ ائين ڪاج بٽڻ لڳل هوندا هئا، جيئن مڙدن جي شرٽ ۾ ڪف لڳل هوندا آهن. ڪڙتو سندس بدن سان بلڪل چنبڙيو پيو هوندو هو جنهن مان نئون ڦٽندڙ جوڀن ٻاهر نڪرڻ لاءِ اُتاولو لڳندو هو. نرملا کي ڪو به زيور پيل ڪونه هوندو هو. نه چوڙيون، نه مُنڊي نه ڇين. ها، سندس کاٻي ٻانهن ۾ هڪ ننڍي واچ ٻڌل هوندي هئي. پهرئين ڏينهن کان ئي نرملا منهنجي دل ۾ پيهجي ويئي هئي.

نرملا جي عمر اُن وقت اوڻويهه ويهه سال هوندي. نرملا قد جي لانيري پر

سندر چيو - ”انڪل توهين ۽ ديدي پاڻ ۾ ڪٿي گڏيا هئا؟“

مون مرڪندي ڪيس چيو - ”سندر، مان ۽ نرملا اَجمير ۾ گڏ پڙهندا هئاسين“.

منهنجو جواب ٻڌي سندر جو وات حيرت ۾ ڦاٽي ويو. نرملا مشڪي رهي هئي. سندر جي اکين ۾ وشواس - اوشواس جو ڀاو اُڀري رهيو هئو. سندر لاءِ اُهو وشواس ڪرڻ ڏکيو هو تہ مان ۽ نرملا ڪڏهن گڏ پڙهندا هئاسين!

مون ماحول کي هلڪو ڪندي چيو - ”هيءَ آفيس آهي. آفيس ۾ کهڙيون ڳالهيون ڪبيون؟ پنجاهہ سالن جو عرصو ڪيئن ماپبو؟ سڀاڻي آرتوار آهي توهين ٻئي شام جو پنجين بجي ڌاري مون وٽ گهر چانهہ پيئڻ اَچو تہ اُتي ويهي ڳالهيون ڪنداسين.“

سندر چيو - ”انڪل، منهنجي تہ سڀاڻي پنجين بجي ڪلب ۾ ميٽنگ آهي. مان تہ ڪونہ اَچي سگهندس. مون توهان جو گهر ڏٺو آهي. مان ديديءَ کي پنجين بجي ڌاري توهان جي گهر ڇڏيندو ڪلب هليو ويندس ۽ ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ ڪلب مان موٽندي ڪيس وٺندو ويندس. تيستائين توهين دل کولي ڳالهيون ڪري وٺجو.“

سندر بہ هاڻي مون سان هلڪو ڦلڪو ٿيو هو. سندر پنهنجي ڳالهہ کي وڌائيندي چيو - ”۽ توهان کي هڪ سوَ سالن جو اتهاس بہ تہ پڙهڻو آهي!“

مون نقلي عجب ڪائيندي چيو - ”سندر، اهو هڪ سوَ سالن جو اتهاس ڪٿان آيو؟“

سندر کلندي چيو - ”انڪل، پنجاهہ سالن جو اتهاس توهان وٽ آهي ۽ اهڙو ئي پنجاهہ سالن جو ليکو ديديءَ وٽ بہ آهي. ٿيا نہ هڪ سوَ سال!!“

مون هلڪو ٽهڪ ڏنو. ۽ نرملا ڏانهن نهاريندي پڇيو - ڪيئن ٺيڪ آهي نہ نرملا؟

”ها، ٺيڪ آهي. سڀاڻي شام جو گڏجون ٿا“. ائين چوندي نرملا ۽ سندر اُٿي کڙا ٿيا.

اسٽڊي روم ۾ وٺي هلي. اُتي هڪ پلنگ، ٽيبل، ٻه ڪرسيون ۽ ٻيو خوبصورت ڍنگ سان ضروري فرنيچر وغيره پيو هو. مونکي ويهاري نرملا اندر هلي ويئي ۽ ٿوري دير ۾ پاپڙ پاڻي کڻي آئي. نرملا سان گڏ سندس ماءُ به هئي. نرملا جي ماءُ ڏاڍي شانائتي ٿي لڳي. ڪيس به ڪاڌيءَ جا ڪپڙا پيل هئا. مون اُٿي ڪيس نمستي ڪئي. بيحد پيار مان چيائين - ”پُٽ، سنو ٿيو جو تون آيو آهين. نرملا تنهنجي هوشياريءَ جون ڳالهيون ته روز ڪندي آهي پر توکان ڪجهه به پڇندي ڪيس لڄ ٿيندي آهي. مون ئي ڪيس چيو ته توکي هتي اچڻ لاءِ چوي جيئن توکان پنهنجا ڏکيا سوال پڇي سگهي. مونکي پڪ هئي ته تون انڪار نه ڪندين. پُٽ، نرملا مئٽرڪ پاس ڪري وٺي ته اَسين به ڪيس شينهن ڪلهي چاڙهي پاڻ تان بار لاهيون“. نرملا اهو سڀ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌي رهي هئي. مون ڪلندي نرملا جي ماءُ کي چيو - ”اَمي، نرملا لاءِ ڪوئي مضبوط شينهن ڳولهجو. جيڪو نرملا کي ڪلهي تي کڻي سگهي!“ نرملا جي ماءُ به کلي ڏنو. چيائين - ”پُٽ، جتي چوڪريءَ جو ليک هوندو. ۽ ها پُٽ، اجائي لڄ، نه ڪجانءِ. روٽي کائي پوءِ ئي وڃجانءِ“. ائي چئي نرملا جي ماءُ هلي ويئي. ماءُ جي وڃڻ کان پوءِ نرملا پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي وهندي چيو - ”مان ته توکي ڀالو ڀولو سمجهندي هئس پر تون ته ڪو شرارتي آهين!“ مون نرملا ڏانهن نهاريو. هن جي اکين مسڪرايو پئي. ”چڱو هاڻي، پڙهائڻ شروع ڪر.“ هيءُ هڪ حجت ۽ حُب ڀريو آواز هو.

مان به گنڀير ٿي ويس نرملا انگريزيءَ سائنس جا ڪتاب کڻي آئي. ڪلاڪ ڏيڍ ائين ئي سوالن جوابن ۾ نڪري ويو. ماءُ جو سڏ ٻڌي نرملا اُٿي ڪڙي ٿي ۽ چيائين، ”ممي روٽي کڻي اَچڻ لاءِ سڏ پيئي ڪري. روٽي کڻي اَچان؟“ اسان ڪتاب بند ڪيا. مان روٽي کائي روانو ٿي ويس. در تائين نرملا ڇڏڻ آئي هئي. مونکي پوءِ خبر پيئي ته نرملا جو سڄو ڪٽنب قومي خيالن وارو هو ۽ گهر جا سڀ ڀاتي کاڌي پائيندا هئا. اُنٽي وهٽيءَ ۾ شاندار، خانداني ڪٽنب هو جيڪو ڪافي وڏي درجي وارو هو.

بدن جي پريل، گول منهن ۽ وڏين اکين واري ڇوڪري هئي جنهن جي ٿلهي چوٽي هلڻ وقت سندس پنيان ٽڙن کي لڳندي رهندي هئي. مون ۾ ائين تہ وٺڻ جهڙو ڪجهہ نہ هو. منهنجي عمر بہ ان وقت ٢١-٢٢ سال هئي. مان نہ تہ سهڻو هوس ۽ نہ وري ڪپڙي لٽي ۾ ٺاهوڪو هوس. ها، پڙهڻ ۾ هوشيار هوس. ان ڪري ڪيترا دفعا ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڪي ڇوڪريون بہ وشين سان واسطو رکندڙ تڪليفن بابت مون کان پڇندا هئا. نرملا سان سامهون نهارڻ جو موقعو تہ مليو هو پر شروع جو هفتو کن ساڻس ڪڏهن ڳالهائڻ ڪونہ ٿيو هو. هڪ ڏينهن هوءَ ڪلاس ۾ ڪانہ آئي هئي. ٻئي ڏينهن ٿوري سنڪوچ سان مونکان پڇيائين تہ مان ڪيس پنهنجا ان ڏينهن جي ڪلاس جا نوٽس ڏيندس؟ مون ڪيس 'ها' چئي ۽ ٻئي ڏينهن ڪيس نوٽس آڻي ڏنم. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ نوٽس جي ڪاپي موٽائيندي چيائين - ”تون تہ ٽيچر کان بہ سٺا نوٽس ٿو لکين. تنهنجا تہ اکر بہ ڏاڍا سهڻا آهن.“ مون ڏانهن نهاريندي چيائين - ”مهرباني.“ نوٽس جي ڏي وٺ جو اهو سلسلو ڪجھ وقت هلندو رهيو ۽ نرملا جو سنڪوچ ۽ منهنجو دٻ لهندو رهيو. هڪ ڏينهن ڪلاس کان پوءِ نرملا مون کي ترسايو ۽ چيو ڪيس انگريزي ۽ سائنس ۾ ڪجھ پرابليم آهي. ڪلاس ۾ پڇڻ سولو ڪونہ ٿو ٿئي. ڇا مان هڪ دفعو ڪلاڪ کن سندس گهر وڃي ڪيس مدد ڪري سگهندس؟ مان ٿوري دير چپ رهيس. ڏٺم تہ نرملا جو مُنهن لهي ويو. چيائين - ”ساري، مون توکي اَجايو چيو.“ مون تڪڙ ۾ چيو ”اَهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي. مون کي اَچڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونهي. مان رڳو سوچي رهيو هوس تہ تنهنجي گهر وارن کي تہ اعتراض نہ ٿيندو“.

نرملا جو مُنهن ٽڙي پيو. چيائين ”نہ، منهنجا گهر وارا پاڻ خوش ٿيندا“. پوءِ اسان هڪ آرتوار ڏينهن ١١ بجي جو وقت مقرر ڪيو. ان آرتوار تي سائيڪل تي ٽي ڪلو ميٽر طيءِ ڪري مان نرملا جي ڏنل اَيڊريس تي پهتس. شاهوڪار پاڙي ۾ شاندار گهر هو. گهنٽي وڄائڻ تي نرملا پاڻ اَچي در کوليو ۽ مونکي

سبب نرملا فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي هئي. اها منهنجي نرملا سان آخرين ملاقات هئي. دروازي تي جدا ٿيڻ وقت اسان هڪ ٻئي ڏي نهاري جڻ ڪجهه چئي ويا هئاسين. ان ڪان پوءِ اڄ وري لڳ ڀڳ پنجاهه سالن ڪان پوءِ اسين گڏيا هئاسين! تڏهن هوءَ ويهن سالن جي جوانڙي هئي ۽ اڄ هوءَ ستر سالن جي هئي. جيتوڻيڪ هوءَ ايتري وڏي لڳي ڪانه ٿي. مان به اڄ ٻاهتر سالن جو هوس. گهڻو ئي وقت گذري ويو هو نرملا ڪي ڏٺي پر اڄ به منهنجي سامهون پنجاهه سال اول واري سانوري رنگ واري نرملا جو چهرو موجود هو - اهائي نرملا - ڪاڪيءَ جي پتلون ۽ ڪاڪيءَ جي چست ڪفن واري ڪڙتي ۾ گول مُنهن، وڏين اکين ۽ ڊگهي چوٽيءَ واري، بنا زيور جي به بيحد خوبصورت لڳڻ واري نرملا.

مان ٻئي ڏينهن اچڻ واري آرتوار جو انتظار ڪرڻ لڳس، جنهن شام جو نرملا مون وٽ اَچڻ واري هئي.

آرتوار شام جو پنجين بجي ڏاري سندر نرملا ڪي منهنجي گهر ڇڏي ويو ۽ چئي ويو ته ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ڪيس وٺي ويندو.

مان ۽ نرملا ڊرائنگ روم ۾ اَچي ويناسين. مان نرملا ڪي ڊرائنگ روم ۾ وهاري، رنڌڻي مان ٽري ۾ بسڪيٽن جي پليٽ، ٻه ڪوپ ۽ چانهه جي ڪيٽلي کڻي آيس ۽ نرملا ڪي چيم ته ”ڊرائنگ روم ۾ تون ويٺي آهين ته لڳي ٿو جڻ مهمان آهين - انڪري هل ته اندر ڪمري ۾ هلي ٿا ويهون.“ نرملا ۽ مان چانهه جي ٽري کڻي، اندر ڪمري ۾ اَچي ويناسين. مان پلنگ تي وينس ۽ نرملا منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ٿي ويٺي. ڪوپن ۾ چانهه وجهندي نرملا پڇيو - ”گهر ۾ تون اڪيلو ئي آهين ڇا؟“ چيم ”ها“. اسان ٻنهي چانهه جا ڪوپ کنيا. ٿوري دير چپ رهي. مون نرملا ڪان پڇيو - ”نرملا، اسان جي ملاقات کي پنجاهه سال گذري ويا آهن. اڄ ته هڪ ٻئي ڪي هنن پنجاهه سالن جو حساب ڪتاب ڏيون. ها، اول تون شروع ڪر.“ نرملا ڪي گهڙيون چپ رهي ۽ پوءِ چوڻ شروع ڪيائين.

ان ڏينهن کان پوءِ نرملا ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ هٽڪ جي ديوار هڪ طرح پوريءَ طرح سان هٽي ويئي. ٻئين ٽئين هفتي نرملا جي ماءُ جو نياپو ايندو هو ۽ مان نرملا جي گهر هليو ويندو هوس. ڪلاڪ ڏيڍ پڙهائي، ٿوريون سهج ڳالهيون ٻوليون ۽ پڇاڙيءَ جو روٽي. ائين ٽي چار مهينا گذري ويا. ان وچ ۾ منهنجي پاران هڪ ٻي مشغولي به شروع ٿي ويئي. مان نرملا کي خط لکڻ لڳس. خط 'نرمل' نالي سان مخاطب ڪندي لکندو هوس ۽ هيٺان پنهنجو سچو نالو 'راجيو' لکڻ جي بدران رڳو 'راجي' لکندو هوس. ڀريون خط نندو ۽ رواجي ڳالهين سان ڀريل هو. خط نرملا کان نوٽبوڪ وٺي ان جي ڪَور ۾ وڌو هوم پر اَهڙيءَ طرح جيئن هوءَ ڏسي سگهي. خط جو ڪو جواب ڪونه مليو. ٻئي هفتي ٻيو خط لکيم. اهو ٿورو وڌو ۽ ٿورو ڪومل ڀاونا سان ڀريل هو. ان جو به جواب ڪونه آيو. پوءِ هڪ به هفتو خط ڪونه لکيم. ڪلاس ۾ موقعو وٺي نرملا چيو - ''خط ڇو نه ٿو لکين؟'' مون چيو - ''تون جواب جو نٿي ڏين''. ''مان جواب ڏيندي آهيان، پر توکي موڪليندي ڪانه آهيان. پر تون خط لکندو ڪر. تون خط نٿو لکين ته مان اُداس ٿي ٿيان.'' مان عجب وچان نرملا ڏانهن نهاريندو رهجي ويو هوس. ان کان پوءِ جيستائين مئٽرڪ جا امتحان ٿيا مان لڳ ڀڳ هر هفتي نرملا کي خط لکندو رهيس. منهنجي خطن ۾ پيار محبت جون ڪي هلڪڙائيءَ سان ڀريل ڳالهيون ڪونه هونديون هيون. ڪڏهن قدرت جي دلڪش نظاري جو ورڻن، ڪڏهن ڪنهن ڪتاب جا جيون جيئڻ سان واسطيدار ويچار، ڪڏهن ڪنهن سنڌي محاوري جي گهرائيءَ جي وچور وغيره. پر خطن مان ظاهر هوندو هو اُهي ويجهي دوست جا لکيل آهن.

مئٽرڪ جا امتحان ٿيا. نتيجو نڪتو. مان ۽ نرملا فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿياسين. مئٽرڪ جي نتيجي اَچڻ کان پوءِ نرملا جي ماءُ هڪ دفعو مونکي گهر اَچڻ لاءِ نياپو موڪليو هو ۽ مان نرملا جي گهر ويو هوس. نرملا جي اکين ۾ حب ڀري چمڪ هئي. نرملا جي ماءُ منهنجا گهڻا ٿورا مڃيا جو منهنجيءَ مدد

هتي اڪيلو رهڻ وڌيڪ آسان لڳو، جو مان هن ماحول سان هريل آهيان ۽ ڪم ۾ رُڌو پيو آهيان. ها، اڪيلائي تہ آهي پر اها تہ رهندي ئي.

مون نرملا جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو -”نرمل، هيترن سالن ۾ توکي ڪڏهن منهنجي يادگيري آئي؟ ...“

نرملا مون ڏانهن نهاريندي ٿورو مرڪيو. پوءِ چيائين -

”يادگيري ... يادگيري ڇا راڄي، مان تہ اڄا تائين بہ جڏهن اُداس ٿيندي آهيان، تنهنجا لکيل خط پڙهندي رهندي آهيان! شاديءَ کان اول لکيل تنهنجا خط مون سنڀالي رکيا هئا ۽ شاديءَ کان پوءِ جڏهن مان مائٽن وٽ گهمڻ آيس تہ پاڻ سان اُهي خط لنڊن کڻي ويس. شاديءَ جي ڪجهہ سالن کان پوءِ مون اُهي خط پنهنجي گهوٽ کي بہ پڙهي ٻڌايا. منهنجو گهوٽ بيحد کليل دماغ جو، ڪلمڪ شخص هو. انهن خطن کي وٺي هو ڪڏهن ڪڏهن مونکي چيڙائيندو بہ هو“. مان چپ ٿي ويس. نرملا ڏانهن نهاريم. ڏنم هن جون اکيون آليون هيون.

مون پنهنجا ٻئي هٿ وڌائي نرملا جا ڪرسيءَ تي رکيل هٿ پنهنجن هٿن ۾ کڻي ورتا. هن هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي بدران منهنجا هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي انهن کي هلڪو زور ڏنو. مان ٿوري دير نرملا جي طرف يڪ ٽڪ سندس اکين ۾ نهاريندو رهيس. اَسان جون اکيون ڇڱو وقت هڪ ٻئي سان ڳالهائينديون رهيون.

آخر مون ئي چيو ”نمو، اڄ کان پنجاهہ سال اول جڏهن مون توکي پهريون دفعو ڏٺو هو - تڏهن کان وٺي منهنجي من ۾ هڪ زوردار خواهش رهي آهي. پر سنڪوچ ۽ ڊپ وس مان ڪڏهن بہ تنهنجي اڳيان اِها ظاهر نہ ڪري سگهيس. ڊپ هوم تہ متان تون ناراض ٿي وڃين ۽ ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏين ۽ سنڪوچ هوم تہ تون مون کي بيحد گهٽ درجي جو ماڻهو نہ سمجهين ...“

نرملا جي اکين ۾ سوال اُڀري آيو. ”اها ڪهڙي خواهش هئي جنهن کي ظاهر ڪرڻ ۾ توکي سنڪوچ ۽ ڊپ ٿي ٿيو؟“ مان نرملا ڏانهن نهاريندو رهيس.

”مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان ٻه سال کن پوءِ منهنجي شادي ٿي ويئي. منهنجو هسبنڊ گلاب رامچنداڻي انجنيئر هو ۽ هڪ آئل ڪمپنيءَ ۾ سٺي عهدي تي هئو. اها آئل ڪمپني برٽش ڪمپني هئي. ڪمپنيءَ کي پنهنجي لنڊن برانچ لاءِ هڪ انجنيئر جي ضرورت هئي. ان لاءِ هنن منهنجي گهوٽ کان پڇيو. منهنجي گهوٽ پنهنجي رضامندي ڏيئي ڇڏي ۽ ائين شاديءَ کان پوءِ اسين جلدي لنڊن هليا وياسين ۽ اُتي ئي سيٽل ٿي وياسين.“ نرملا وڌيڪ ٻڌايو ته کيس ٻه پٽ آهن جيڪي ٻئي شادي ڪيل آهن. ڏهه سال کن ٿيا جو نرملا جي گهوٽ جو هڪ بيماريءَ سبب ديهانت ٿي ويو هو. هن وقت هوءَ ننڍي پٽ سان گڏ رهندي آهي. کيس ڪمپنيءَ مان سندس گهوٽ جي ڪيل سروس سبب سٺي پينشن ملندي آهي. سندس ننڍي پٽ کي هڪ ڌيءُ ۽ هڪ پٽ آهي. پاڻ لنڊن جي گهڻين ئي سماجڪ سنسٿائن سان جڙيل آهي. گهڻو ڪري هر سال هندستان ايندي آهي جو سندس سڀ پيڪا - ساهرا مِٽ مائٽ هتي آهن. نرملا وڌيڪ اهو به ٻڌايو ته سندس ماءُ پيءُ گذاري ويا آهن. هڪ ڀاءُ ۽ ٻه ڀينر اٿس. ساهري پاسي ٻه گهڻا ئي عزيز اٿس. سڀني جي شادين مرادين تي ايندي رهندي آهي. نرملا ڳالهائڻ جي وچ ۾ چانهه به پيئندي رهي. نرملا چانهه پوري ڪئي هئي. هن ڪوپ سائيڊ ٽيبل تي رکي ڇڏيو. چيائين ”هاڻي تون پنهنجي رام ڪهاڻي ٻڌاءِ“.

مون کيس ٻڌايو ته مون مئٽرڪ کان پوءِ انٽر، بي. اي.، ايم. اي.، پي. ايڇ. ڊي.ءَ جا امتحان سٺن گريڊن سان پاس ڪيا ۽ ان کان پوءِ مون کي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر جي پوسٽ ملي ويئي. ڏهه سال ٿيا ته رٽائر ٿي اَسين زال مڙس هتي اَچي رهيا آهيون. هتي اسان جا مٽ مائٽ دوست وغيره آهن. مون کي ٽي ٻار آهن - ٻه ڌيئر ۽ هڪ پٽ. سڀئي شادي ڪيل آهن. ۽ پنهنجي ورن گهرن سان خوش آهن. ٻه سال ٿيا ته منهنجي شريمتي به گذاري ويئي. ان کان پوءِ ٻارن گهڻو ئي زور ڪيو ته مان انهن سان وڃي رهان. پر مونکي

ٻٻ کي چڪ پائيندي وات کوليو. منهنجو سرير وري سيٽجڻ لڳو هو. مون وري نرملا کي زور سان چڪي پاڻ سان چنبڙائي ڇڏيو ۽ سندس چپ پنهنجي وات ۾ لڪائي پنجاهه سالن جي اُڃ اُجهائڻ لڳس. نرملا منهنجي ڳل تي هلڪي ٿپڪي هڻندي چيو - ''هاڻي ڇڏ''. مون وات کوليو ۽ پاڪر ۾ نرملا کي کڻي پلنگ تي اَچي ويٺس ۽ نرملا مون کي چيلهه ۾ پاڪر پائي سمهي پيئي. مون سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي چيو - ''نمو، تون ته اڃا پنجاهه سال اول واري جوان نرملا آهين!'' نرملا پڻ پڻ کندي چيو - ''۽ تون ڪهڙو ٻڍو ٿيو آهين؟ ڇيئه ته پاڪي پائيندين ۽ پاڪر اَهڙو ته زور سان پاتئه جو مون کي لڳو منهنجو ساهه نڪري ويندو!'' مون نرملا جو منهن مٿي ڪري کيس کٽي مٺي ڏني. نرملا پڇيو ''هاڻي پنجاهه سالن جي رهيل خواهش پوري ٿي؟'' مون چيو - ''نمو، هيءَ ته ازلي اُڃ آهي. اُها ته لهڻ جي ناهي.'' نرملا منهنجي سٿر ۾ هلڪو چڪ پاتو. مون گهڙيال ڏانهن ڏٺو. ڇهه ٿي رهيا هئا. چيم، ''نمو، هل ته سماج ۾ موٽي هلون. سندر اَچڻ وارو هوندو.'' هوءَ اُٿي کڙي ٿي. باٿ روم ۾ وڃي مُنهن ڌوئي آئي ۽ منهنجي ڪڙتي سان مُنهن اُگهيائين. ڪٻٽ جي آئيني ۾ ڏسي وار ۽ ڪپڙا ٺيڪ ڪري آئي. مون به مُنهن ڌوتو ۽ ٽوال سان مُنهن اُگهيو. اسين ٻئي ڊرائينگ روم ۾ اَچي ويٺاسين. ڊرائينگ روم ۾ رکيل ڪتابن جي ڪٻٽ مان ڪجهه ڪتاب ڪڍي مون نرملا جي اڳيان کڻي وڃڻ لاءِ رکيا. اينري ۾ سندر به اَچي نڪتو. مون پنج ڏهه منٽ سندر سان ڳالهيون ڪيون ۽ پوءِ ٻئي هليا ويا. وڃڻ کان اول نرملا کي چيم - ''ڏس، موقعو ملئي ته وري ملج.'' مان کين ڪار تائين پهچائي آيس. نرملا ڪار هلڻ وقت ڪار مان هٿ ڪڍي لوڏيو - مون به هٿ لوڏي ان جي موٽ ڏني.

5, Maleer, Ward 4/A
Adipur - Kutch - 370205

هن وري چيو - ”راجي، ٻڌاءِ نہ؟ تنهنجي ڪهڙي خواهش هئي“. ائين چوندي هن منهنجي هٿن کي هلڪو زور ڏنو.

مون چيو - ”نمو، مون کي هاٿي ٻہ ڏپ ٿو ٿئي تہ تون ناراض نہ ٿين.“

نرملا ڪرسيءَ تان اُٿي منهنجي بلڪل سامهون اَچي ويٺي ۽ منهنجو مُنهن پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ جهلي چيائين ”راجي، ٻڌاءِ، تنهنجي ڪهڙي خواهش هئي“.

مون هٻڪندي چيو - ”نمو، منهنجي اها خواهش هئي تہ مان توکي ڀاڪي پايان ۽ پيار ڪريان...“ منهنجي ڳالهہ ٻڌي نرملا مرڪي ڏنو. چيائين - ”تڏهن تہ توکي سنڪوچ ٿي ٿيو، پر اڄ ... اڄ ... هينئر توکي سنڪوچ ڇو ٿو ٿئي؟“ مون مُنهن مٿي ڪري نرملا ڏانهن نهاريو. هوءَ مرڪي رهي هئي. ۽ مون محسوس ڪيو هن جو پرون شرارت ڀري مُرڪ مرڪي رهيون هيون. مان پلنگ تان اُٿيس. هاٿي اسان جا بدن هڪ ٻئي سان لڳا پيا هئا. مون نرملا جي چوطرف ٻانهون وجهي کيس هلڪي ڀاڪي پاتي. نرملا پنهنجيون ٻئي ٻانهون منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري وجهي منهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي منهن جي ڀرسان آندو. مون ڏنو هن اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. مون اول کيس نرڙ تي چمي ڏني. پوءِ سندس اکيون چميون ۽ پوءِ مان سندس سڄي منهن کي وري وري چمندو رهيس. سندس ڳل، ڳچي، ڪن مان کيس چمندو رهيس - چمندو رهيس. ان جوش ۾ هڪ دفعو سندس کابي ڪن جي پچاڙيءَ ۾ چڪ پاتم. نرملا کان هلڪي ڇيخ نڪري ويئي. ڀڻڪندي چيائين - ”راجي، تون تہ مون کي ماري ڇڏيندين“. ۽ چوندي سندس چپ کلي ويا ۽ منهنجا چپ نرملا جي چپن ۾ بند ٿي ويا. مون زور سان ڇڪي نرملا کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو. لڳو تہ اسان جا رڳو چپ ئي نہ سڄا سرير هڪ ٻئي سان چنبڙي ٻن مان هڪ ٻڻجي ويا آهن. ڇڳي دير اسين ائين ئي بيٺا رهياسين، خبر ئي ڪانہ پيئي. آخر مون ڀاڪر ڍلو ڪيو. نرملا منهنجي هينئين

پڌيو. ٽيپ رڪارڊ چيهون چيهون ٿي ويو. نرملا جي ننُهن تہ ان وقت تہ ڪجهہ ڪونہ ڪڇي پر سشيلا جي وڃڻ ڪان پوءِ هن واٽويلا مچائي ڏني. چي : تنهنجيون الائي ڪهڙيون ساهيڙيون ٿيون اَچن. گهر ئي برباد ڪري ٿيون وڃن. توکي ڇاهي؟ نقصان تہ اسانجي گهر جو ٿو ٿئي!

آخرين جملو ٻڌي نرملا ڪي باهہ وٺي ويئي. سندس سڄو وجود جلڻ لڳو. اُن وقت هن جي منهن مان فقط هڪ ئي جملو اُڪليو - ”ڇاهي گهر منهنجو ناهي؟“

اُن وقت جوش ۾ سندس ننهن چيو هو - ’نہ، هيءُ گهر اسانجو آهي. تنهنجو ڪونهي.‘ بس ان ڪان پوءِ نرملا جو من اشانت هو.

ان هڪ جملي کيس جهوري وڌو هو. شام جي وقت جڏهن سندس پٽ نارائڻ آفيس مان موٽيو تہ جوڻس کيس سڄي ڳالهہ اَچي ٻڌائي. اُن وقت هو چُپ رهيو. پر رات جو ماني کائڻ وقت جڏهن ماءُ کي ڊائننگ ٽيبل تي وينو نہ ڏٺائين تہ کيس سڏ ڪيائين. جڏهن سڏ تي بہ ماڻس نہ آئي، تہ هوُ ماءُ جي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ کيس هلي ماني کائڻ لاءِ عرض ڪيائين. ايترو چوڻ تي هوءَ چُلي پيئي. اَکين ۾ لڙڪ آڻي چوڻ لڳي. پٽ، هاڻي هيءُ گهر منهنجو ڪونهي. مان ماني ڪونہ کائيندي س“.

نارائڻ کيس گهڻو ئي سمجهايو تہ اَما، گهر ۾ بہ نکر هوندا تہ ضرور کڙڪندا. هن عمر ۾ هيئن ماني نہ کائڻ نيڪ ڪونهي. سنيتا توکي غلط تہ ڪونہ چيو. منهنجي پگهار ئي ڪيتري آهي. وڏي مشڪل سان تہ گهر جي کائي چيز ٿي نڀي. اُها بہ هن طرح ٽٽي پوي تہ پيهر ناهڻ ڪيترو نہ مشڪل ڪم آهي. آخر گهر تہ اسان کي ئي سنڀالڻو ٿو پوي.

پٽ جي منٿون علاج ڪرڻ ڪان پوءِ بہ نرملا ماني ڪانہ کاڌي. هوءَ چپ چاپ ٻوڙها ڳاڙيندي رهي. کيس ياد آيو تہ جڏهن کيس اؤلاد ڪونہ ٿي ٿيو تڏهن هن ڪيترا نہ پير فقير پيٽيا هئا. سوين سکائون ڪيون هيون آخر کيس بابي رامگر جي آسيس سان سِڪي سِڪي هڪ پُٽ ڄائو. اُن وقت سندس من ڪيڏو نہ خوش ٿيو هو. ڇهين ڏينهن سندس گهوٽ رانولداس پٽ کي کٽي

کھاڻي / کيمن مولاڻي



گھر

نرملا روز صبوح جو سويل اُٿندي هئي. اڄ بہ اُٿي پر اَڄوڪو اُٿڻ اُٿڻ ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ هن سڄي رات ننڊ ڪانہ ڪئي هئي. هوءَ سڄي رات اَلائي ڪھڙن ويچارن جي جار ۾ ڦاٿل هئي. هن اُنهن ويچارن کان پنهنجي جند آجي ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ويچار هئا جو هن جي دماغ ۾ جڻ ڇھتي پيا هئا.

نرملا ٻاهر نڪتي تہ ڏٺائين سڄو آسمان بادلن سان ڇانيو پيو هو. آسمان ۾ ڪارن بادلن جا جھنڊ ڊوڙندا پئي آيا ۽ بنا وسڻ جي هلندا ٿي ويا، بلڪل ائين جئن سڄي رات سندس دماغ ۾ هڪ پنيان ٻيا ويچار ڊوڙندا پئي آيا ۽ ويا.

هونءَ اَهڙي ڪا خاص ڳالھ بہ ڪانہ ٿي هئي پر چوندا آهن، جتي ٻاھہ ٻري اُتي سيڪ اَچي، ڪھڙي ڪل پوندي پاڙي واليان نون. اِئين بہ آهي تہ ٻڍاپي ۾ هر اِنسان جو شرير نستو پر دماغ چست ٿي ويندو آهي. اَهڙي وقت ننڍڙي ڳالھ بہ جيڪڏهن دل ۾ چڀي وڃي تہ اُها من کي ولوڙي ڇڏيندي آهي. ماڻھو اندر ئي اندر ٻرڻ لڳندو آهي. نرملا سان بہ اِهو حال هو.

ڳالھ هيئن هئي تہ ڪالھ نرملا جي هڪ ننڍي ڀيڻ جي ساهيڙي سشيلا پنهنجي ڪنھن مت مائٽ جي شاديءَ ۾ بئراڳڙھ آئي هئي. شاديءَ کان پوءِ وقت ڪڍي هوءَ نرملا سان ملڻ آئي. نرملا اُن سان ملي ڏاڍو خوش ٿي. منجھند جو وقت هو، انڪري نرملا کيس ماني کائڻ جو چيو. پھرين تہ سشيلا ماني کائڻ کان انڪار ڪيو پر پوءِ نرملا جي زور ڀرڻ تي هن ماني کائڻ قبول ڪيو. ساڻس گڏ هڪ ٻار بہ هو، جو شايد سندس پوٽو هو. ڇوڪرو ڏاڍو ڪيڇلو هو. ٻار ٿيندا ئي ڪيڇلا آهن. هن هڻ وٺ ڪندي ٽيبل تان ٽيپ رڪارڊ ڪيرائي

وري نرملا جي دماغ ۾ ٻيو خيال تري آيو. جڏهن نارائڻ نوڪريءَ ۾ لڳو هو تڏهن سندس مائٽيون اَچڻ لڳيون هيون. ڪيس ڇوڪري پسند ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ چوڻ لڳو ”مان شادي ڪونہ ڪندس.“

آخر هڪ ڏينهن نرملا ريهي ريبي ڪانئس پڇيو - ”پٽ، ڪا ساهيڙي ٻاهيڙي پسند ڪئي اَٿئي ڇا؟“ تڏهن نارائڻ مشڪندي چيو هو - ها، سنيتا اَسان جي آفيس ۾ ڪم ڪندي آهي. غريب آهن. جيڪڏهن اَسان جي شادي ٿي تہ پوءِ مان هن کان نوڪري ڇڏائيندس.“

نرملا جڏهن اِها ڳالهہ پنهنجي مڙس سان ڪئي هئي تہ اُهو ڏاڍو ڪاوڙيو هو. پٽ کي چنبڙ بہ ڪڍي هئائين. چوڻ لڳو غريب آهن تہ پوءِ ڏاج ڏيڻ کهڙو ڏيندا. مان هن جي پيءُ کي سڃاڻان. پان ٻيڙيءَ جي گهٽي اٿس. ڪٿي اَسان ۽ ڪٿي هو؟ پر نارائڻ نہ ڪئي سا نہ ڪئي. آخر پٽس کي ئي هار مڃڻي پيئي؟ ۽ نارائڻ کي پرڻائي سنيتا کي ننهن بڻائي گهر وٺي آيو. سنيتا جڏهن آئي تڏهن ڄڻ لڇمي گهر ۾ گهڙي هئي. هوءَ دل وَ جان سان سس سهري جي شيوا ڪندي هئي. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هن سڄو گهر سنڀالي ورتو. سس کي ڪو ڪم ڪرڻ ڪونہ ڏيندي هئي. پر ڪالهہ اَلائي ڪيس ڇا ٿي ويو هو. اِهو پهريون موقعو هو جو هن سس سان ٻاڙو ٻوليو هو. نرملا کي ننهن کان وڌيڪ پٽ جو افسوس هو جنهن پنهنجي زال جو بدر ڪنيو هو.

نرملا جي دماغ ۾ ’گهر‘ لفظ بار بار گونجي رهيو هو. هوءَ سوچڻ لڳي تہ هن گهر لاءِ هن تہ سڄي حياتي ڏيئي ڇڏي هئي. پوءِ هاڻي هيءُ گهر هنن جو ڪيئن ٿي ويو؟ ڪيس ياد آيو سنڌ ۾ هڪ ڏينهن سندس مڙس بہ ڪنهن ڳالهہ تان غصي وچان اَهڙي قسم جو ڪوئي جملو ڳالهايو هو. تنهن وقت هن مڙس کي چيو هو تہ مونکي پيڪي ڇڏي اَچو. هوُ ڪيس پيڪي ڇڏي آيو هو. اُن کان پوءِ هوءَ بہ مهينا پيڪن ۾ ئي رهي هئي. اُتان ساهري گهر تڏهن آئي هئي جڏهن گهوٽس پاڻ اَچي ڪيس پرچائيندي چيو هو - ”ڀائي اِهو لفظ غصي ۾ اَلائي ڪئن منهنجي منهن مان نڪري ويو. منهنجو گهر تہ تنهنجو آهي. توکان سواءِ منهنجو گهر گهر ڪيئن ٿيندو؟ مان تہ بي گهر ٿي پوندس.“

وچي بابي رامگر جي گود ۾ رکيو هو، جنهن سندس نالو نارائڻ رکيو هو. اُن کان پوءِ نارائڻ جي چڻي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ويئي هئي. سڄي ڳوٺ کي رات جي کاني جي ڪوٺ ڏني ويئي هئي. کيس ياد آيو جڏهن نارائڻ اجا چئن سالن جو مس هو جو کيس وڏي ماتا نڪتي هئي. ان وقت هوءَ پاڻ پٽ کي کڻي بابي رامگر وٽ ويئي هئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي کيس وينتي ڪئي هئي ته بابا، اوهان جو ڏنل آهي، اوهان ئي مونکي پنهنجو پٽ بخشي ڏيو. تڏهن بابي رامگر کيس چيو هو، ”ڌيءَ سائينءَ تي رک. هيءُ وڏو ٿي توکي سُک ڏيندو. ڪنهن به قسم جي چنتا نه ڪر. وچي ماتا جا اوراٽا ڳاءِ. اُها سٺائي ڪنديءَ.“ پر هي ڇا؟ اڄ اُهو نارائڻ زال جي حمايت ڪندي چويٿو ته سنينا غلط ڪونه چيو آهي. گهر ته آخر اَسان کي ئي سنڀالڻو آهي. اڄ جيڪڏهن منهنجو گهوٽ زنده هجي ها ته ڇا هنن جي ايڏي مجال ٿئي ها. اڄ منهنجو بيو ڪوئي ڪونهي، انڪري هي چون ٿا ته هيءُ گهر سندس آهي. اِهو سوچي نرملا جي مک مان هڪ سڏڪو نڪري ويو پر اُهو سڏڪو ڪمري جي اندر ئي گونجي گم ٿي ويو. آواز کي به پنهنجو قد ۽ آڪار ٿيندو آهي.

نرملا جي دماغ ۾ ماضي ساڪار روپ ڌاري فلم جي نظارن وانگر ڦري رهيو هو. کيس ياد آيو جڏهن نارايڻ مئٽرڪ پاس ڪئي ته پڻس کيس دڪان تي اَچي وهڻ لاءِ چيو هو. تڏهن نارائڻ صفا نابري واري وينو. چوڻ لڳو مان اِهي وٽ تارازيون ڪونه سنڀاليندس. دُڪان تي ڏاڍي محنت ٿي ڪرڻي پوي. ان کان سرڪاري نوڪري سٺي آهي. مان سرڪاري نوڪري ڪندس. اُن وقت نرملا به پٽ جو پاسو کڻندي مڙس کي چيو هو - ”سائين، نئون زمانو آهي. نارائڻ جيڪڏهن نوڪري ڪرڻ ٿو چاهي ته ڪرڻ ڏيوس“. زال جي ايتري چوڻ تي رانولداس چپ ٿي ويو هو. ان کان پوءِ هن ڪڏهن به پٽ کي دڪان تي اَچي وهڻ لاءِ ڪونه چيو هو. اُن وقت جيڪڏهن نارائڻ پيءُ جو چيو مڃي ها ته اڄ دڪان جو مالڪ هجي ها. پوءِ هوُ اَهڙي ڳالهه ئي نه چوي ها ته منهنجي پگهار ئي ڪيتري آهي. دڪان هجيس ها ته اڄ ڪروڙپتي نه ته به لکپتي ضرور هجي ها.



تہ پوءِ ڇا پرابليم آ؟

سڌير ڪرانا ۽ نيتا بخشي ڪاليج جا سينيئر شاگرد هئا. ٻئي ڪاليج جي جان هئا. نيتا اَميرزادي هئڻ سان گڏ سونهن ۾ بہ امير هئي. سونهن ۽ اَميري سبب نيتا ۾ غرور هئڻ لازمي هو. چمچن جي بہ ڪمي نہ هيس.

سڌير شاندار شخصيت جو مالڪ، هئنڊسم ڏير گنڀير مجاز جو نوجوان هو. پڙهائيءَ ۾ ذهين ۽ راندين ۾ بہ اڳرو هو. ڪاليج جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان هو. ڪيترين ئي ٽرافيون ڪاليج کي ڏياريون هئائين.

نيتا تي ڪاليج جا ڇوڪرا فدا هئا، تہ سڌير تي ڇوڪريون. سنيتا سڌير ۽ نيتا جي ڪامن فرينڊ هئي. نيتا سڌير کي نيچو ڏيکارڻ جو ڪوئي موقعو نہ ڇڏيندي هئي. سندس مخول اُڏائيندي هئي. ان ۾ سندس چمچا ۽ چمچيون ساٿ ڏيندا هئا. ان ۾ سندس سوارٿ هو. نيتا اڪثر ڪين ڪئنٽن ۾ وٺي وڃي ڪارائيندي پيئاريندي هئي. ڪڏهن ٻاهر پارٽي ڏيندي هين. ڪڏهن پڪچر ڏيکارڻ وٺي ويندي هين.

سڌير سندس هر حرڪت کي نظر انداز ڪندو هو. سڌير جي خاموشي نيتا کي پريشان ڪندي هئي. هوءَ چاهيندي هئي، سڌير ناراض ٿي غصو ڪڍي. پر سندس حسرت ڪڏهن پوري نہ ٿي هئي. سنيتا نيتا کي سمجهائيندي هئي تہ نيتا ماڳهين ناراض ٿي ويندي هيس. سنيتا سڌير کان پڇندي هئي تہ هو ڇو ٿو سهي، تہ سڌير مسڪرائي ٽاري ڇڏيندو هو. ڪرڪيٽ ٽيم ۾ بہ ٿي رانديگر نيتا جا چارتا هئا. نيتا ڪين چوندي هئي مئچ هارائي اچجو تہ شاندار پارٽي ڏيندي سانوَ.

مڙس جا اِهي آکر ٻڌي اُن وقت نرملا جي دل ڀڳھر جي ويئي هئي ۽ مڙس سان گڏ ساهري گهر موٽي آئي هئي.

هينئر نرملا جي اکين آڏو نند ۽ پڻ جو چتر اَچي ويو. هڪڙي ڏينهن هن جي هٿ مان ڏڌ سان ڀريل چاڏي ڪِري پيئي. بس پوءِ ته ماڻس اصل تپي باهه ٿي ويئي هئي. هن اُتي هڪدم ٻه چار ڏک کيس هڻي ڪڍيا هئا ۽ چيو هئائين - چوري، پنهنجي گهر ويندين ۽ ته اُتي ڪيئن سيبائيندين؟ سنڀالي ڪم ڪرڻ سک. اُتي مان ته ڪونه هونديس جو تنهنجيون غلطيون سهنديس؟ اُن وقت نرملا جي اَبوجهه من کي اِها ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آئي هئي ته اُهو وري ٻيو ڪهڙو پنهنجو گهر آهي!؟ ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ نرملا اِها ڳالهه جڏهن پنهنجي ساهيڙيءَ سان ڪئي هئي تڏهن ان کيس سمجهايو هو ته ڇوڪرين کي پرڻجي ٻئي گهر ۾ وڃڻو پوندو آهي ۽ اُهوئي سندن پنهنجو گهر ٿيندو آهي. ڇوڪريون هتي ڄمنديون آهن اُهو گهر سڄي عمر سندن ڪونه رهندو آهي. ان ڪانپوءِ نرملا کي سمجهه ۾ آيو ته ماڻس صحيح ٿي چيو.

اوچتو نرملا جي ڪن تي هڪ ٻچن جو پڙلاءُ پيو. نا گهر تيرا، نا گهر ميرا، چڙيا رئن بسيرا هئہ. ٻچن جو پڙلاءُ ڪن تي پوندئي نرملا جو ڌيان ٻچن ۾ کُپي ويو. هوءَ سوچڻ لڳي ته صحيح ته چوي ٿو. هاڻي هيءُ گهر نارائڻ ۽ سنيتا جو ته آهي، مونکي هاڻي گهڻو وقت جيئڻو آهي. مان ته عمر ڪائي مٿي چڙهي آهيان. هاڻي ته هيءُ گهر مون لاءِ چڙيا رئن بسيري وانگر آهي. اِهو سوچڻ شرط هن جي من تان سڄو بار لهي ويو. هن نارائڻ کي سڏ ڪري چيو - ”پٽ، چانهه ته ڪٽي اچُ. ٻه چار ٽوش ۽ بسڪوت ٻه ڪٽي اچجانءِ. رات ماني ٻه ڪانه ڪاڌي اَٿم.

نارائڻ چيو - ”اَما اِجهو آيس.“

ٻچن اجا تائين هلي رهيو هو ۽ نرملا ٻچن جي هڪ هڪ لفظ کي ڌاڍو ڌيان سان ٻڌي رهي هئي.

A-New 14/134,
Bairagrah,
Bhopal - 462030
Mb. 094250-51715

سڌير - ”اُن ۾ نيتا جي ڪائي غلطي نہ آهي. جنهن نموني سندس پرورش ٿي آهي، سندس مغرور ۽ ضدي ٿيڻ لازمي آهي. وقت سڀ سمجهائي رکندس.“

سنيتا - ”نيتا توسان ايترو غلط ٿي هلي، پوءِ بہ تون سندس حمايت ٿو ڪرين؟“

سڌير - ”حمايت نٿو ڪريان. آءٌ نيتا جي من جي حالت کي سمجهان ٿو. انڪري ائين چئي رهيو آهيان.“

سنيتا سڌير جي چهري کي تڪيندي رهي. سڌير جو نيتا سان سامنو ٿيو. چيائينس ”نيتا، مبارڪ هجيئي؟“

نيتا - ”ڇا جي تو مبارڪ ڏين؟“

سڌير - ”بنا مخالفت يونين پريزيڊنٽ بڻجڻ جي.“

نيتا - ”توکي هارائڻ جي حسرت تہ دل ۾ رهجي وئي نہ.“

سڌير - ”چاهين ٿي تنهنجي حسرت پوري ٿئي؟“

نيتا - ”ڇونہ چاهينديس؟“

سڌير -” گهراءِ فارم تہ ڀريان.“

سڌير جي ڳالھ ٻڌي نيتا جو چهرو ٽڙي پيو. پنهنجي هڪ چمچي کي موڪلي فارم گهرائي سڌير کي ڏنائين. سڌير فارم ڀرائي جمع ڪرايو. سنيتا نيتا کي آگاھ ڪيو - ”وڏي رِسڪ کنئي اٿئي.“

نيتا چيس - ”رِسڪ کڻي جيت حاصل ڪرڻ جو مزو ئي اڙ آهي.“

سنيتا سڌير کان پڇيو - ”هاڻي؟“

سڌير چيس - ”ڏسندي وڃ.“

نيتا دل کولي خرچ ڪرڻ لڳي. حمائتن کي پارٽي ڏيڻ. پرچار تي خرچ ڪرڻ. حمائتن جو مجمو ساڻ کڻي ڪيمپين ڪرڻ. سڌير ڪنهن کان ووٽ گهرڻ بہ نہ ويو. چونڊ ٿي، نتيجو آيو، سڌير جا دوست وڏيڪ ڪامياب ٿيا. نيتا جا گهٽ. نيتا خود فقط هڪ ووٽ تان کٽيو. نيتا جي خوشي ڪافور ٿي وئي.

سڌير نيتا جي ان چال کان واقف هو. سڌير اَهڙن رانديگرن کان بولنگ نہ ڪرائيندو هو. بئٽنگ جو بہ آخر ۾ موقعو ڏيندو هو. جتي فيلڊنگ ڪندا هئا، اُتي پنهنجا پروسي جا پليئر بيهاريندو هو. ڪيس خرافت جو ڪوئي موقعو نہ ڏيندو هو. مئچ کان پوءِ ڪين پارٽيءَ بجاءِ نيتا جي ڦٽڪار ئي ٻڌڻ لاءِ ملندي هئي. رانديگر بيزار ٿي ويا. ڪيس اڳتي وڌڻ جو موقعو ئي نٿي مليو. ملين ٿي تہ نيتا جي ڦِٽ لعنت. آخر اُنهن نيتا جي پچر ڇڏي ڏني. سڌير جي پالي ۾ هليا ويا. اُتي بہ نيتا کي هار نصيب ٿي. اندر ۾ آنڌ مانڌ ويس ٿي وڌندي.

ڪاليج ۾ اسٽوڊنٽ يونين جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. نيتا کي يقين هو تہ چونڊن ۾ نہ فقط سڌير کي هارائيندي، بلڪ سندس بيهاريل اُميدوار گھٽائيءَ ۾ چونڊجي ايندا. سڌير کي نيچو ڏيکارڻ جو پرپور موقعو ملندو.

سڌير نہ خود اُميدوار بڻيو، نہ ئي چونڊن ۾ پنهنجو بئنل بيهاريائين. دوستن کي چيائين - ”پنهنجي ليکي جنهن کي چونڊ لڙٺي هجي لڙي.“

دوستن پاڻ ۾ طئہ ڪري پريزيڊنٽ جي عهدي کي ڇڏي باقي سيني عهدن لاءِ فارم ڀريا. نيتا کي خبر پيئي تہ چوڻ شروع ڪيائين - ”سڌير ڊرپوڪ چوهو (ڪوئو) آهي. هار جي ڊپ کان ڪو نہ ٿو لڙي.“

سڌير جي دوستن کي ٻُرو لڳو. ليڪن سڌير خاموش رهيو. سنيتا سڌير کان پڇيو - ”تون چونڊ چونہ ٿو لڙين؟“

پهريائين تہ سڌير لنوائي ويو. پر سنيتا جي زور ڀرڻ تي چيائينس - نيتا حساس دل جي يوُ تي آهي. هار برداشت ڪري نہ سگھندي. دل تي چوٽ رسندس. آءٌ ڪيس دک پهچائڻ نٿو چاهيان. سنيتا - ”پيار ڪرڻ لڳو آهين نيتا سان؟“

سڌير - ”اُن ۾ پيار ڪٿان اَچي ويو؟ آءٌ ڪنهنجي بہ دل دکائڻ نہ چاهيندو آهيان.“

سنيتا - ”نيتا بدبخت آهي، جو تو جهڙي نيڪ دل انسان سان عداوت رکي ويٺي آهي.“

سنيتا جي ڳالھ ٻڌي نيتا سنيتا جو منهن تڪڻ لڳي. اکين ۾ لڙڪ تري آيس. پنهنجو چهرو سنيتا جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيائين. سنيتا سندس پٺيءَ مٿي تي هٿ ڦيريندي رهي. ڪجھ دير کان پوءِ نيتا منهن مٿي ڪري اکيون اُگهي سنيتا کي چيو - ”هاڻي آءٌ سڌير جي اڳيان ڪنڌ مٿي ڪڻي نہ سگهنديس.“

سنيتا - ”اَهڙي ڳالھ ناهي. سڌير ڪڏهن بہ تنهنجي ڪنهن بہ ڳالھ جو بُرو نہ مڃيو آهي. هو تنهنجي عزت ڪندو آهي.“

نيتا - ”آءٌ سڌير جي باري ۾ ڪيترو نہ غلط سوچيندي رهيس، ڪيترو نہ غلط ڪندي رهيس. آءٌ پنهنجي هلت لاءِ سڌير کان معافي وٺنديس.“

سنيتا - ”اُن جي ضرورت ناهي. تنهنجي سوچ ۾ بدلاو آيو آهي. اِهو ڪافي آهي.“

سڌير جو نيتا سان ملڻ ٿيو. نيتا کي چيائين ”نيتا، آءِ ايم ساري ...“

نيتا - ”ساري واهٽ فار؟“

سڌير - تنهنجا گهٽ ڪئنڊيڊيٽ ڪامياب ٿيا.“

نيتا - ڊوڙ وچي پائين منهنجا ڪئنڊيڊيٽ. آءٌ خود بہ رزائين ڪنديس.“

سڌير - ”رزائين ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اسانکي شاگردن جي ڀلي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. منهنجي توهانکي فُل سپورٽ رهندي.“

نيتا سڌير جي چهري کي تڪيندي رهي. سڌير ٽوڪيس - ”ڇا ٿي ڏسين؟“

نيتا - ”ڏسان ٿي ۽ سوچيان ٿي، منهنجي سامهون اِنسان بيٺو آهي يا فرشتو!“

سڌير - ”اِنسان ئي رهڻ ڏي. فرشتن کي تہ دنيا ۾ پٿر جو بت بڻائي پوڄڻ لڳندي آهي. آءٌ پٿر بڻجڻ نٿو چاهيان.“

نيتا پنهنجو هٿ سڌير ڏانهن وڌايو. سڌير سندس هٿ پڪڙي دٻايو. نيتا جو من هلڪو ٿي ويو.

سنيتا سڌير کان پڇيو - ”هي ڇا ٿيو؟ ڪيئن ٿيو؟“

سڌير - ”مون توکي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو تہ آءٌ نيتا جي دل کي دکي ٿيڻ نہ ڏيندس. آءٌ چونڊ جيتڻ لاءِ نہ هارائڻ لاءِ لڙيو هوس.“

سنيتا - ”دک تہ پهتو هوندس. سندس ڪيترا دوست هارائي ويا.“

سڌير - ”ان لاءِ آءٌ ذميوار نہ آهيان. مون نہ ڪنهنکي بيهاريو نہ ئي ڪنهنجو پرچار ڪيو.“

سنيتا - ”سو تہ آءٌ ڄاڻان ٿي. نيتا جي جيت فقط هڪ ووٽ تان؟“

سڌير - ”مون تخمينو لڳايو هو تہ، نيتا کي گهڻا ووٽ ملندا. مون پنهنجن ڪُجھہ حمائتن کان واعدو ورتي سندن ووٽ نيتا کي ڏياريو. مون پنهنجو بہ ووٽ نيتا کي ڏنو.“

سنيتا - ”مطلب، تنهنجي هڪ ووٽ تان نيتا جي جيت ٿي؟“

سڌير - ”شايد.“

سنيتا نيتا سان ملي نيتا جو چهرو ملول هو. چهري تي جيت جي خوشي نہ هيس. نيتا کان پڇيائين ”جيت جي باوجود مايوس ڇو آهين؟“

نيتا - ”انکي تون جيت ٿي چئين؟ فقط هڪ ووٽ سان؟“

سنيتا - ”خبر اَٿئي. اُهو جيت ڏيارڻ وارو ووٽ ڪنهن جو هو؟“

نيتا - ”ڪنهن جو هو؟“

سنيتا - ”سڌير جو.“

نيتا چڙڪ پري چيس - ”ڇا ٿي ڳالهہ ڪرين؟ سڌير منهنجو رائيول هو. هو ڇو مونکي ووٽ ڏيندو؟“

سنيتا - سڌير چونڊ لڙڻ نہ پيو چاهي. ڄاڻي پيو. چونڊ لڙندو تہ تنهنجي هار ٿيندي. تون هار پچائي نہ سگهندينءَ. توکي دک نہ ٿئي انڪري چونڊ لڙڻ نہ پيو چاهي. تنهنجي اِصرار تي چونڊ لڙيو. جيتڻ لاءِ نہ، هارائڻ لاءِ. سڌير نہ فقط پنهنجو ووٽ توکي ڏنو، پنهنجن ڪيترن دوستن کان بہ توکي ووٽ ڏيارايائين.“

احساس ٿيس. روم ۾ واپس وڃي شال لپيٽيائين. دپٽي سان مٿو ڍڪيائين. دروازو بيڪڙي باغ طرف وئي. جيئن جيئن اڳتي وئي، آواز چٽو ٿيندو ويو. چاندني پوري شباب تي هئي.

گٽار وڄائڻ وارو نوجوان ديودار جي هيٺان ويهي گٽار وڄائي رهيو هو. وڻ جي ڇانو سبب سندس چهرو صاف نظر نٿي آيو. نيتا جي پيرن کي اَچانڪ بريڪ لڳي وئي. سوچڻ لڳي سڌير تہ ڪڏهن سيتي بہ نہ وڄائي هئي، گٽار ڇا وڄائيندو. خبر ناهي ڪير اَجنبي آ. سندس قريب وڃڻ سٺو نہ لڳندو. اُتي ئي ويهي گٽار تي وڄڻ واري ڌن ٻڌڻ لڳي.

اَچانڪ نوجوان گٽار وڄائڻ بند ڪئي. نيتا مُڙي واپس وڃڻ واري هئي جو نوجوان وڻ جي اوٽ مان نڪري چنڊ جي روشنيءَ ۾ آيو. نيتا کي ڏسي حيراني ٿي. گٽار وڄائڻ وارو سڌير هو. اُتي ئي ڄمي وئي. قريب اَچي سڌير چيس - ”تون هن وقت هتي ڇا ٿي ڪرين؟“

نيتا چيس - ”گٽار جي ڌن ٻيوس ڪري هتي ڪينچي وٺي آئي آ.“

سڌير چيس - ”ٿڌڪار محسوس ٿي رهي آ. هل تہ روم ۾ ٿا هلون.“

ٻئي سڌير جي روم ۾ ويا. نيتا پڇيس - ”توکي گٽار وڄائڻ جو چشڪو ڪڏهن ڪٿان لڳو؟“

سڌير چيس - لڳ ڀڳ چار مهينا اڳ ٿي. وي ءَ تي ’ائن ايوننگ ان پئرس‘ پڪچر ڏٺم رات جي وقت ۾ پئرس جي سڙڪن تي هڪ گانو شمي ڪپور ۽ شرميلا ٽئگور تي فلمايو ويو هو. هڪ سين ۾ هڪ فرينچ نوجوان گٽار تي موهڪ ڌن وڄائي رهيو هو. اُن کي ڏسي گٽار وڄائڻ سکڻ جو شوق جاڳيو. هڪ انسٽيٽيوٽ جوائن ڪري لڳاتار ٽي مهينا گٽار وڄائڻ سکيس. ان کانپوءِ ايڪانت جڳهہ تي وڃي پرئڪٽس ڪندو رهيس. ننڊ نہ پئي آئي. باغيچي ۾ وڃي گٽار وڄائڻ لڳس.“

نيتا - ”ننڊ ڇو نہ ٿي آيئہ؟“

سڌير - ”نہ معلوم ڇو نہ ٿي آئي.“

نيتا ڏيري ڏيري سڌير جي قريب ٿيندي وئي. پهريائين سڌير جي لاءِ عزت، پوءِ دوستيءَ جو جذبو جا ڪيس خبر ئي نه پيئي ته دوستي ڪڏهن پيار ۾ بدلجي ويس. سڌير ان کان بيخبر، نيتا کي خوش ڏسڻ چاهيندو هو.

ڪاليج ۾ سومر جي موڪل هئي. ڪاليج جي ڪجهه شاگردن آرتوار سومر ٻن ڏينهن جو پنچمڙهي گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. ڇنڇر رات جو چارٽر بس ۾ پنچمڙهيءَ لاءِ ١٦ سيٽون بوڪ ڪرايون. ١٠ ڇوڪرا ۽ ٦ ڇوڪريون هيون. رهڻ لاءِ ٨ ڪاٽيج بوڪ ڪرايائون واپسيءَ جون ٽڪيٽون سومر رات جون ڪرايائون.

وڃڻ لاءِ ته سڌير نيتا ۽ سنيتا به هئا. نيتا جي اِصرار تي ڪار ۾ وڃڻ جو سوچيائون. رهڻ لاءِ ٽوئرسٽ بنگلي ۾ ٻه روم بوڪ ڪرايائون، ٽيئي ڇنڇر شام جو ڪار ۾ روانا ٿيا. پوپال تائين ڪار نيتا ڊرائيو ڪئي، پوپال کان پپريا تائين سڌير ڊرائيونگ ڪئي. رات جو پپريا ۾ رڪيا.

پپريا مان صبوح جو تيار ٿي ٨ لڳي پنچمڙهيءَ روانا ٿيا. صبوح جو ساڍي نوين لڳي سڌير ڪار ٽوئرسٽ بنگلي جي پورٽيڪو ۾ روڪي. بس وارا اسٽوڊنٽس صبوح جو سويل پهچي ويا هئا. پر نائيٽ جرنيءَ جي ٿڪاوت ڪري ڪاٽيج ۾ آرام ڪري رهيا هئا. سڌير وارا لگيج رومس ۾ رکائي بالڪنيءَ ۾ ويهي چانهه چسڪڻ لڳا.

ڏهه ڪري نيرن ڪائي ١١ لڳي سپ گهمڻ نڪتا. موڄ مستيءَ ۾ وقت گذاري شام جو سن لائيٽ جو منظر پسي واپس موٽيا. ٿڪل هئا. جلد ڊنر ڪائي وڃي آرامي ٿيا. صبوح جو سوير اُٿي سن رائيز پائنٽ تي وڃي سج اُڀرڻ جو نظارو پسڻو هون.

نيتا سنيتا جلد سمهي پيون. سڌير پنهنجي روم ۾ ڪُرسيءَ تي ويهي پيشم ساهنيءَ جو ناول دويا پڙهڻ لڳو.

رات جو نيتا کي اُڄ لڳي. اُٿي پاڻي پيتائين. واپس بستري تي وڃڻ واري هئي ته ڪنن تي گٽار جي ڌن جو پرلاءُ پيس. ڌن پُر ڪشش هئي. دري کولي ڏٺائين. آواز باغيچي کان اَچي رهيو هو. گائون سليپر پائي ٻاهر نڪتي. ٽڌ جو

”چو؟“

واپس هلڻ لاءِ ضد ڪندو.

رات جو سنيتا دوستن سان گڏ رواني ٿي وئي. نيتا پنهنجو روم خالي ڪري پنهنجو سامان سڌير جي ڪمري ۾ رکايو.

سڌير پڇيس ”هي ڇاهي؟“

نيتا - ”سنيتا واپس هلي وئي. آءٌ روم ۾ اڪيلي رهي ڇا ڪندس؟ هتي شفٽ ٿي ويس.“

سڌير نيتا ڏانهن ڏسڻ لڳو. نيتا پڇيس - ”ڇا ٿو ڏسين؟“

”ٻئي هڪ روم ۾ گڏ ڪيئن ٿا رهي سگهون؟“

”ڇو نٿا رهي سگهون؟“

”اسين ٻئي شادي شده ناهيون.“

”ته ڪر شادي.“

سڌير گنڀير ٿي چيس - ”آءٌ توسان شادي نه ڪندس.“

نيتا - آتر سُر مان پڇيس - ”ڇونه ڪندين شادي؟ ٻي ڪائي اٿي دل ۾؟“

”ناهي ڪائي.“

”مون سان پيار نٿو ڪرين؟“

سڌير چپ رهيو. نيتا اڌير ٿي پڇيس - ”چُپ ڇو آهين؟ ٻُڌاءِ نه؟“

سڌير چيس - ”نيتا، مون ان باري ۾ ڪڏهن سوچيو نه هو. هاڻي محسوس ٿو ٿئي آءٌ توکي چاهڻ لڳو آهيان.“

”شڪر آ، قبول ته ڪيئهِ. چاهت جو حاصل ته شادي ٿيندي آهي نه؟“

”ڪڏهن ڪڏهن پيار جي راهه تي هلندي هلندي راهون الڳ ٿي وينديون آهن.“

”ڇو ٿي وينديون آهن الڳ؟“

”نيتا، پيار جو واسطو دل سان ٿيندو آهي. دل ڀاوُڪ ٿيندي آهي. دل تي وس نه هلندو آهي. شاديءَ جي باري ۾ دماغ اڳ ۾ سوچي فيصلو ڪندو آهي.“

نيتا - ”هاڻي وڃي ليٽ.“

سڌير بستري تي وڃي ليٽي پيو. نيتا ڪُرسي سوري سُڌير جي سيرانديءَ کان رکي، ويهي سڌير جي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. نرم نازڪ آڱرين جو ڇهاءُ سڌين جي اکين ۾ خمار پيرڻ لڳو. اکيون بوتجڻ لڳس. ٿوريءَ دير ۾ گهري ننڊ اَچي ويس. نيتا اُٿي سڌير جي مٿان چڱيءَ طرح ڪنبل وجهي، دروازو بيڪڙي، پنهنجي روم ۾ وڃي دروازو بند ڪري بستري داخل ٿي.

صبوح جو سنيتا سوير اُٿي. نيتا اڃا سمهي پيئي هئي. سڌير جي روم ۾ وئي. سڌير گهريءَ ننڊ ۾ غلطان هو. ٻنهي کي اُٿارڻ ٺيڪ نہ سمجهيائين. خود تيار ٿي ڪاليج جي دوستن سان گڏ سن رائيز جو نظارو ڏسڻ هلي وئي.

نيتا واپس آئي تہ نيتا ۽ سڌير جاڳي هٿ منهن ڌوئي چڪا هئا. ٽنهي بالڪنيءَ ۾ ويهي چانهہ پيتي. سنيتا سن رائيز جي منظر جي باري ۾ ٻڌاين.

نيتا چيس - ”ڪائي ڳالهہ ناهي. سڀاڻي صبوح جو ڏسي اينداسين.“

سڌير چيس - ”مئڊم، اڄ واپس هلڻو آهي.“

نيتا - ”ڇو سڀاڻي پيشي لڳل آهي؟“

سنيتا ڪجهہ چوڻ چاهيو. نيتا اِشاري سان چپ رهڻ لاءِ چيس.

سڌير - ”ڇا ٿي اِرادو؟“

نيتا - ”ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ رهڻ جو ارادو آهي.“

سڌير - ”ٺيڪ آهي، ٻہ ڏينهن ٻيا سهي.“

چانهہ پي ٽيئي پنهنجي پنهنجي روم ۾ ويا. روم ۾ وڃي سنيتا چيس - ”نيتا، آءُ نہ رُڪي سگهنديس.“

نيتا - ”وڃڻ ضروري اٿيئي؟“

”نہ هجي ها تہ رڪان نہ ها؟“

”ڪيئن ويندينءَ؟“

”چارٽرڊ بس ۾.“

”ٺيڪ آهي، رسيپشن تي ڇئي سيٽ بوڪ ڪرائي ٿا وٺون. ليڪن ان باري ۾ سڌير کي ڪجهہ بہ نہ چئجانءِ.“

ليک / لکمي کلاڻي



سُرَ ۽ راڳ جي راڻي
پدم شري شانتي هيرانند

ڀارتي شاستري سنگيت جي هڪ اعليٰ درجي جي ڳايڪا شانتي هيرانند 10 اَپريل 2020 تي، دهليءَ جي ويجهو گرو گرام ۾، ٨٧ ورهين جي وڏي آورجا ماڻي پنهنجي اَگم ديس جي وات ورتي.

شانتي هيرانند ڀارت جي مشهور، معروف، نامڪنئي، (Legendary) ڳايڪا بيگم اختر جي ڳاني ڀڏي شاگرد بڻجي، گرو - شش پرمپرا هيٺ، هن کان تعليم حاصل ڪري هن سان ئي گڏ ديس وديس جي سنگيت محفلن ۾ غزل - ٺمري - دادرا لائيٽ ڪلاسيڪل جا پروگرام پيش ڪندي رهي. 1952 کان شروع ڪري 1974، بيگم صاحبا جي انتقال تائين، هن پنهنجي اُستاد سان توڙ نڀاهي.

22 سالن جي هن موسيقي سفر دؤران بيگم اختر ۽ شانتي هيرانند جو پاڻ ۾ ماءُ ڌيءَ جو گهرو سنبنڌ جُڙي ويو هو. احمدآباد ۾ پيش ڪيل پنهنجي آخرين پروگرام کان پوءِ بيگم اختر کان اخبارواري پڇيو، ”توهان کان پوءِ، توهان جي هزارن لکن پرستارن جو ڇا ٿيندو؟

بيگم اختر نهه پهه وراڻيو ”مون کان پوءِ توهان مونکي پنهنجي شاگرد شانتيءَ جي آواز ۾ ٻڌي سگهو ٿا.“

نيتا اُداس ٿي پڇيس - ”ڇا ٿو چوي تنهنجو دماغ؟“

سڌير گنڀير ٿي چيس - ”نيتا تون جنهن لائيف اِسٽائيل جي عادي آهين، آءٌ توکي اُهو عيش آرام نہ ڏيئي سگهندس. توسان شادي ڪري آءٌ توکي دکي ڪرڻ نٿو چاهيان.“

تو ائين ڪيئن سوچيو تہ آءٌ توسان شادي ڪري دکي نہ ٿيندس؟ شاديءَ کان پوءِ ناريءَ جو ٻيو جنم ٿيندو آهي. جنهن گهر ۾ ويندي آهي، اُتان جي ماحول ۾ خود کي ايڊجسٽ ڪري وٺندي آهي. اُتان جي رنگ ۾ رڱجي ويندي آهي.“

سڌير حيران ٿي نيتا کي ڏسندو رهيو. نيتا چوڻ جاري رکيو - ”شادي ڪري مونکي بکيو رکندين؟“

”بکيو ڇو رکندس؟“

”تن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا هوندا نہ؟“

”ضرور هوندا.“

”سِر مٿان ڇت بہ هوندي؟“

”بلڪل هوندي.“

”ڇا تنهنجو وقت ميٽنگن، ڪانفرنسن ۾، ڪلب ۽ پارٽين ۾ خرچ ٿيندو؟“

”بلڪل نہ.“

”مطلب مونکي ڀرپور وقت بہ ڏيندين تہ پوءِ ڇا پرابليم آ؟“

سڌير اڳتي وڌي نيتا جو چهرو پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي سندس اکين ۾ نهاري چيو -

”نيتا تنهنجو منهنجي زندگيءَ ۾ سواگت آهي.“

”۽ تنهنجي روم ۾؟“

سڌير نيتا کي ٻانهن ۾ ڀري سيني سان لڳايو.

E - 98 Saket,
Indore - 452018
Mob : 8989831884

بہ وقت شهر ۾ پيش ٿيندڙ پروگرامن ۾ تانپوري تي سنگت ڪرڻ ۽ هن جي پنيان پنيان ڳائڻ بہ لڳي. دين ديال سنگهہ بوائز ڪاليج جي هڪ جلسي ۾ اندرا جي هدايتڪاريءَ ۾ کيس راڳ بهار ڳائڻ جو موقعو مليو. ڏهن سالن جي هن نينگر لاءِ منچ تي اچڻ جو اِهو پهريون تجربو هو. هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي، لڳ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳا، پر سندس گروءَ اندرا ڪوهليءَ جي همٿائڻ هن ۾ ساهہ ڦوڪيو ۽ پاڻ ۾ وشواس پيدا ڪيو.

لاهور ريڊيو اسٽيشن تان مارچ 1947 ۾ شانتيءَ کي پهريون ڀيرو، چوڏهن سالن جي عمر ۾ ڳائڻ جو موقعو حاصل ٿيو. لاهور جي اسٽيشن ڊئريڪٽر مسٽر اوسٿي هن جي آڊيشن ورتي. هن جي آواز ۽ اندرا ڪوهليءَ کان ورتل تربيت کان متاثر ٿي، رڪارڊنگ لاءِ تاريخ طئہ ڪري هن کان فارم ڀرايو جنهن ۾ پهريون ڀيرو هن پنهنجو نالو شانتي هيرانند لکائي صحي ڪئي. آڪهہ جي نالي بجاءِ هن پنهنجي پيءُ جي سچاڻپ کي ترجيح ڏني.

اُن وقت لاهور ۾ فرقيوار فساد چالو ٿي چڪا هئا. سندس ماءُ جي مرضي ڪانہ هئي کيس ريڊيو اسٽيشن تي موڪلڻ جي. پر سندس پيءُ اها ذميواري پاڻ تي کنئي. هڪ دوست وٽان ڪار جو بندوبست ڪري، هوُ مقرر تاريخ تي شانتيءَ کي اسٽوڊيو وٺي آيو. البت اُتي ڪو بہ سازيندڙ موجود ڪونہ هو. ريڊيو جي ڊيوٽي آفيسر ماٿر جيڪو شوقيا طور طبلو وڄائيندو هو. شانتيءَ کي نراش ٿيندو ڏسي، هن سان طبلي تي سنگت ڪئي. سندس تيار ٿيل بندش ڪاميابيءَ سان نشر ٿي، کيس ان جو اُجورو پندرهن روپيا مليو. پر هن لاءِ وڏي خوشي اها هئي جو حيدرآباد (سنڌ) ۾ سندس ناني ۽ سڄي ناناڻي پريوار سندس آواز ٻڌو ۽ سندن حال حيات هئڻ کين وڏو آٿت ڏنو.

لاهور ۾ اُن وقت باهہ جا ڀنيت بري رهيا هئا. شانتي ۽ سندس ماءُ پيءُ کي آخر 21 آگسٽ 1947 تي لاهور ڇڏڻو پيو. هو هڪ ڊڪوٽا جهاز ذريعي ڀريائين دهليءَ پهتا، پوءِ ٻئي جهاز ذريعي لکنوءَ پنهنجي گهر موٽي آيا.

سندس اِها اڳڪٿي، اخبارن ۾ تڏهن شد مد سان شايع ٿي هئي ته ”مان پنهنجو ورثو شانتيءَ کي ڏيئي ٿي وڃان. هوءَ ان کي زنده رکندي.“

شانتي لاشڪ ماءُ سان ڪيل اهو قول بخوبيءَ پاڙيو آهي. بيگم جو آواز سچ پچ اڄ به شانتيءَ جي آواز ۾ گونججي سندس شائقن کي آٿت ڏيندو ٿو رهي.

محبت ڪرني والي ڪم نه هونگي

تيري محفل ۾ ليڪن هم نه هونگي.

شانتي هيرانند جو جنم 29 آڪٽوبر 1933 تي اُتر پرديش جي لکنوءَ شهر ۾ ٿيو. هن جو پيءُ هيرانند منسکاڻي سنه 1920 ۾ حيدراباد (سنڌ) کان پنهنجي پيڻ ۽ پيٽيوي جي چوڻ تي سندن ڪپڙي جي پيدي هلائڻ ۾ کين مدد ڪرڻ لاءِ لکنو اَچي پهتو.

شانتيءَ جي ماءُ جو نالو گياني ۽ شاديءَ بعد سيتا پاپي پئجي ويو. کين ٽي ڌيئر ڄايون. وڏي پدما، وچين پاروتي ۽ ننڍي شانتي. کين پُٽ جو اؤلاد نه ٿيو، پر هنن ٽنهي ڌيئرن کي پٽن جيان ئي لاڏ ڪوڏ سان پاليو. اونچي تعليم ڏني ۽ پنهنجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ونڻ لاءِ مکمل آزادي ڏني.

شانتيءَ کي ننڍپڻ کان ئي سنگيت سان بيحد لڳاوَ هو. سندس پيءُ هيرانند، هن جو اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ فئملي ڈاڪٽر بوس جي صلاح سجي کيس لکنوءَ جي پاتکنڊي ميوزڪ ڪاليج طرفان هلندڙ سنگيت ڪلاس ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي.

پر سندس سنگيت جي اها سکيا اڌ ۾ ڇڏائجي ويئي جيئن ته سندس پيءُ کي 1942 ۾ لاهور وڃي پنهنجو ساڳيو ڌنڌو سنڀالڻ لاءِ شانتي ۽ سندس ماءُ کي وٺي ۽ بن وڏين ڀينرن کي هٽ هاسٽل ۾ ڀرتي ڪري، ٿوري عرصي لاءِ لکنوءَ کي ڇڏڻو پيو. لاهور ۾ سندن گهر جي ويجهو ئي هڪ سورداس عورت اندرا ڪوهلي رهندي هئي، جيڪا ديال سنگهه ڪاليج ۾ سنگيت سيکاريندي هئي. سنگيت لاءِ شانتيءَ جو چاهه ڏسي، هوءَ کيس پنهنجي گهر ۾ ئي ڪي راڳ ۽ بندشون سيکارڻ لڳي. ٿوري وقت ۾ ئي هوءَ پنهنجي گروءَ سان گڏ وقت

1944 ۾ لکنوءَ جي هڪ نامياري وڪيل سان نڪاح وجهي، ماءُ جي توائفي پيشي کي هميشه لاءِ الوداع ڪري هڪ شريف خانداني گهر ۾ داخل ٿيڻ بعد، اختري بائي فيضا بادي مان هاڻي ’بيگم اختر‘ بڻجي، سماج ۾ هڪ اونچو درجو حاصل ڪري ورتو هو، جيڪو ئي سندس زندگيءَ جو مقصد اولين هو.

حويليءَ جي دربانڻ بيگم صاحبا کي اطلاح ڏنو ته هڪ ڇوڪري هن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آئي آهي. اوطاق ۾ ٻاهر ويهارڻ بجاءِ هن کيس اندر گهرائي ورتو.

”ها ڇئه ٻتيا! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

”اوستي صاحب موڪليو آهي. منهنجو نالو شانتي آهي.“

”اَڙي ها، ويهه ويهه ! ببلو، ٻتيا لاءِ چانهه ڪڻي اچ.“

هن کيس رياض واري ڪمري ۾ وٺي وجي، هارمونيم سامهون ويهاريو ۽ ڪجهه ڳائي ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي.

شانتيءَ کي هارمونيم وڄائڻ جو ابياس ڪونه هو. هن ساهس ڪنو ڪري، راڳ پيلوءَ ۾ هڪ ڀڄن ڳايو ”بسو ميري نئنن ۾ نند لعل!“

”تون ته ڏاڍو سٺو ٿي ڳائين ! مون وٽان ڇا سکڻ آئي آهين؟“ شانتيءَ مِڻ مِڻ ڪندي چيو ”اوستي صاحب چيو پئي ... ديدي! مان اڃا نئين نئين هڪ ڪورو ڪاغذ آهيان ... توهان جيڪي چاهيو اُن تي لکي سگهو ٿا.“

بيگم ڇوڪريءَ جي پريشاني محسوس ڪري مشڪي ڏنو ۽ چيائينس نيڪ آهي، تون سڀاڻي هن ئي وقت اچجانءِ!

ائين سال 1952 کان شانتيءَ جي زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ سڀ کان سونهري باب جي شروعات ٿي.

منهنجي سامهون شانتي هيرانند جو انگريزيءَ ۾ قلمبند ڪيل ڪتاب ‘Begum Akhtar - Story of my Ammi’ ويوا بوڪس نئين دهليءَ جو 2005 ۾ ڇپايل موجود آهي.

هاسٽل ۾ رهندڙ سندس ٻئي ڀينر به سندن ورتل نئين گهر ۾ موٽي آيون. وڏي ڀيڻ پدما کي هڪ اسڪول ۾ ماستري ملي وئي، وچين ڀيڻ پاروتي ڪاليج جي فائينل سال ۾ هئي. لکنوءَ موٽي اَچي شانتيءَ به پنهنجي اسڪولي ڪاليجي پڙهائي جاري رکي. کيس لکنوءَ جي مشهور اسابيلا ٿاربين ڪاليج ۾ داخلا ملي وئي. اڳتي هلي لکنو يونيورسٽيءَ مان هن فلاسافيءَ ۾ ايم. اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي.

ڪاليجي پڙهائيءَ سان گڏو گڏ هن سنگيت جي رياض به جاري رکي. اڄ جي مشهور ڀڄن گايڪ انوپ جلوٽا جو پيءُ پرشوتم جلوٽا سندن پاڙي ۾ ئي رهندو هو. هوءَ سندس گهر وڃي هن جي نگرانيءَ هيٺ ڳائڻ جو اڀياس ڪرڻ لڳي.

ٿوري عرصي بعد رامپور گهراڻي جو هڪ بزرگ اُستاد اعجاز حسين خان سندس گهر اَچي کيس خيال گائڪيءَ جو رياض ۽ ريڊيو پروگرامن جي تياري ڪرائيندو هو.

ديس جي ورهاڱي بعد لاهور ريڊيو اسٽيشن جو ڊائريڪٽر مسٽر اوسٿي ھاٿي بدلي ٿي لکنوءَ ريڊيو اسٽيشن جو ڊئريڪٽر مقرر ٿي آيو هو. شانتيءَ سان ته اڳ ۾ ئي سندس سنيهه جو ناتو جڙي چُڪو هو. هينئر هو سندس گاڊ فادر بڻجي ويو. سندس ڪوشش سان شانتيءَ کي نه رڳو لکنو ريڊيو اسٽيشن جا بلڪ الله‌آباد، پاٽنا، ڪلڪتي، جلندر ريڊيو اسٽيشن جا به پروگرام ملڻ لڳا.

اوسٿيءَ ئي کيس صلاح ڏني ته پنهنجي گايڪيءَ کي وڏي اوج تي پهچائڻ لاءِ بيگم اختر جي شاگرد بڻجي توکي هن کان سکيا وٺڻ کپي. شانتيءَ پنهنجي مائٽن سان صلاح ڪري کيس پنهنجي رضامندي ڏيئي ڇڏي. اوسٿي صاحب کيس بيگم اختر سان ملاقات ڪرڻ جو وقت وٺي ڏنو.

مقرر وقت تي شانتي رڪشا ڪري 1 نمبر هئلاڪ روڊ جي هڪ شاهي حويليءَ ۾ داخل ٿي. ٻاهران بورڊ تي لکيل هو ”اشتياق احمد عباسي.“

حجاب واري مرڪ لڳو ٿي ڪيس بدظن ڪري ڇڏيو هو. همت ٻڌي اُن وڏي افسر مُنهن مٿي ڪري مون کي مخاطب ٿي چيو ”شانتي هيرانند اختر، هي ڪهڙي قسم جو نالو آهي؟“

منهنجي بجاءِ اَميءَ کيس جواب ڏنو. هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي.

”تنهنجي ڌيءَ شانتي؟“ هن واڪو ڪري پڇيو.

”ها، اسان وٽ اِنڊيا ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. پاڪستان ۾ توهان وٽ ڇا ٿيندو آهي، مون کي خبر ڪانهي.“

اَميءَ جو اُن وقت جو اُهو رُدر سروپ تڏهن کان منهنجي ذهن تي چٽيل آهي.

اُن زماني ۾ هر سال شاستري سنگيت جا ٻه وڏا سميلن ڪونايا ويندا هئا. دهليءَ جي ڪانسٽيٽيوشن ڪلب جي ميدان ۾ شنڪر لعل ميوزڪ فيسٽيول ۽ ڪلڪتي ۾ ITC سنگيت سميلن . ديس جي مهان ڪلاڪارن ۾ بيگم اختر سان گڏ شانتي هيرانند کي ٻه پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملندو هو.

اَهڙي ئي هڪ شنڪر لعل سميلن ۾ شانتي هيرانند جو ڳايل غزل ٻڌي ٻئي ڏينهن هڪ اخبار جي خاطوءَ رپورٽ درج ڪئي ته بيگم اختر جي شاگرد شانتي هيرانند پنهنجي سونهري آواز سان درشڪن تي ڇانئجي وئي.

اهو پڙهي بيگم ايترو ته خوش ٿي جو اها خبر سيني کي فخر سان ٻڌائڻ لڳي.

اُن ڏينهن بعد، شانتي هن ڪتاب ۾ لکي ٿي ته اَميءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو ته ريڊيو وارن مونکي نمري واري شاخ لاءِ نه چونڊيو هو. دهلي آڪاشوائيءَ جو تڏهن آچاريه برهسپتي پروڊيوسر، سنگيت جو وڏو ماهر ۽ ودوان هو. البت هو پروفيشنل مڪا! ڳايڪ ڪلاڪارن کي گهٽ نظر سان ڏسندو هو. جون تا ته هڪ ڀيري هن سٽيشوري ڊيوٽيءَ سان به ساڳي ڪار ۾ ويهڻ کان نابري واري هئي.

بيگم اختر نه ڪئي هم، نه تم، سڌو برهسپتيءَ جي ڪمري ۾ لنگهي

هن جيونيءَ ۾ شانتي، پنهنجي گروءَ جي صحبت ۾ گذاريل گهڙين جو سربستو احوال ڏئي سڀني جي تفصيلن سان نهايت ئي دلچسپ نموني ۽ بيباڪيءَ سان پيش ڪيو آهي. هڪ هنڌ (صفحي 68 تي) هوءَ چوي ٿي :

”مان پنهنجي وڏي ڪلاڪار هڻڻ جي هٿ ڪا هام هڻڻ نٿي چاهيان. مان بس ايترو ئي چوڻ ٿي چاهيان ته سنگيت ساڌنا مونکي روحاني بلندين طرف ڇڪي وٺي ويئي آهي. مون لاءِ اهو ئي آنند آهي جيڪو مون پنهنجي ڳائڻ مان ۽ ٻين ڪلاڪارن کي ٻڌڻ مان ماڻيو آهي. اهو پنهنجي سر فن جو وڏي ۾ وڏو انعام آهي.

”هڪ ڀيري مون همٿ ٻڌي اَميءَ کي چيو ته مان ڪجهه رڪارڊ ڪرائڻ ٿي چاهيان. هن اُن وقت ئي HMV جي ڊُبي جيءَ کي مون لاءِ رڪارڊنگ جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ چيو. صبوح جو صلاح ڪئيسين ته مون کي ڇا ڳائڻو آهي ۽ شام جو اهو عمل ۾ اَچي درج ٿي ويو. مون کي اهو ڳايل غزل اڄ به ياد آهي. ”نظر نواز نظارون مين جي نهين لگتا“ راڳ بهار ۾ ڳايل هيءَ بندش تڏهن بيحد مشهور ٿي هئي.“

شانتي هيرانند کي سندس اَمي 1962-1961 ۾ پاڪستان ۾ پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي وئي. اُنهيءَ جو بندوبست انڊين هاءِ ڪميشن طرفان ڪيو ويو هو. اُن بعد هن 1967 ۾ ڪابل (افغانستان) ۽ 1969 ۾ روس جو دؤرو ڪيو. بيگم اختر جو تنهن وقت ڳايل غزل ”اي محبت تيري انجام پي رونا آيا“ عوام جي زبان تي اهڙو چڙهي ويو جو گهر گهر گونجڻ لڳو.

هن ڪتاب جي متن ۾ آمڪ طور شانتيءَ هي واقعو درج ڪيو آهي :

”مارچ 1962 ۾ پاڪستان جي واگها بورڊر جي چيڪ پوسٽ تي پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ لاءِ هنن اسان کي روڪيو. اُن اَفسر منهنجي پاسپورٽ جا پنا ۽ اُنهن سان شامل ڪاغذن کي ور ور پئي اُٿلايو پٿلايو. اکيون مٿي ڪري مون ڏانهن نهاريائين. منهنجي گهنجيل ساڙهي ۽ نرڙ تي ڳاڙهي بندي ۽ منهنجي

اَمي ۽ جي چالاڻي بعد، شانتي لکي ٿي تہ مون لاءِ وري ڳائڻ مشڪل ٿي پيو. رات جي پوئين پھر ۾ مان ڪيس سپني ۾ پنھنجي ڪمري ۾ گھمندو ڏسندي ھئس. ”شانتو! اُٿ رياض ڪر!“

”اَمي مون تہ سمجھيو ھو تہ توھان ھن جھان مان لاڏاڻو ڪري ويا آھيو.“

ٻنھي ھٿن ۾ منھنجو مُنھن جھلي، نرڙ چمندي چوندي ھئي، ”چري! ڪنھن توکي چيو تہ مان مري وئي آھيان. مان ھميشہ توسان گڏ ھونديس.“

1981 ۾ پاڪستاني سرڪار ۽ ڀارت جي ICICR جي گڏيل سھڪار سان مان جڏھن ٻيھر لاھور، ڪراچي، اسلاماباد ۾ پروگرام ڏيڻ ويس تہ مونکي شدت سان محسوس ٿيندو ھو تہ ھوءَ مون سان گڏ منچ تي موجود آھي. مون کي بھتر اجا بھتر ڳائڻ لاءِ ھمٿائي رھي آھي ۽ پنھنجي ڇڏي ويل ورثي کي قائم دائم رکڻ لاءِ منھنجي ڪيس ڏنل قول جي ياد ڏياري رھي آھي.

(ھلندڙ)

6, Maleer,
Adipur - (Kutch)



شانتي ھيرانند ۽ بيگم اَختر

ويئي ڪيس چيائينس ”آچاريہ جي، توهان لاشڪ سنگيت جا وڏا ڄاڻو ودوان آهيو. شانتيءَ کي نمري ڪلاس لاءِ ناپاس ڪرڻ لاءِ توهان کي ضرور ڪي جائز سبب هوندا. اسان طوائفي ڪلاڪارن کي شاستري سنگيت جي ڪا خاص ڄاڻ ڪانهي، توهان جي ڀيٽ ۾ اسين اڄا سيڪڙات آهيون.“

”نہ نہ، ڪا اَهڙي ڳالهہ ڪانهي ...“ برهسپتيءَ پريشان ٿيندي چيو. مان شانتيءَ جي ٻيهر آڊيشن وٺڻ لاءِ سنگيتڪارن جي اسپيشل پئنل ويهاريان ٿو.“

شانتي هيراننڊ جي ٻيهر آڊيشن ٿي. شانتي عجب ۾ پئجي ويئي جڏهن پنڊت جسراج ٽيسٽ وٺڻ بعد ٻاهر اَچي ڪيس واڌايون ڏيندي چيو ”ٻائي تو تہ اَهڙو سٺو ڳايو جو مون توکي سڌو سنواٽو اي گريڊ ڏنو. منهنجي وس ۾ هجي ها تہ مان اڄا توکي هائر گريڊ ڏيان ها.“

امتحان وٺندڙ هن پئنل جي ٻئي سنگيت جي ماهر اُستاد حافظ خان بہ مون کي فون تي واڌايون ڏيندي چيو ”اي گريڊ حاصل ڪرڻ لاءِ تو ٻيشڪ ڪيرون لهڻيون.“

اهو سچ پچ منهنجي لاءِ وڏو ڏينهن هو، جو مان پارٽ جي ٽاپ گريڊ ڪلاڪارن جي صف ۾ شامل ٿي ويئي هيس. پر دل ئي دل ۾ اَميءَ کي پرڻام ڪيم. مان چنڊ جيان هن جي ڏنل روشنيءَ ۾ چمڪي رهي هيس.

30 آڪٽوبر 1974 تي بيگم اختر جو احمدآباد ۾ انتقال ٿيو. ان ڪان ٿورو اڳ دهليءَ جي وگيان ڀون ۾ ريڊيوءَ تي. ويءَ تي سنڌن Live پروگرام نشر ڪيو ويو. شانتيءَ تانپوري تي پنهنجي گروءَ جي سُر ۾ سُر ملائيشروتائن کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيو. سيني جون اکيون آليون هيون. شانتيءَ کي محسوس ٿيو تہ شايد اَميءَ کان موڪلائڻ جو وقت اچي ويو آهي، ان ڪري اڄ هنن اهي سڀ الوداعي غزل ڳايا آهن. هن جي ذهن ۾ اَميءَ جو سڀ کان پسنديده غزل ’ديوانہ بنايا هي تہ ديوانہ بنا دي“ پڙاڏا ڪري رهيو هو.

اُن ملڻ ۽ گهر واري ملڻ ۾ رات ڏينهن جو فرق هو. سنڌي جاتيءَ جي سرمور اعليٰ شخص ۾ وَڏ ماڻهپي جي بوءِ به محسوس نه هئي. پاڪر پائي ملڻ ۽ پنهنجي پير ۾ وهاريائين ڪلاڪ سوا جي اُن ملاقات ۾ مونکي لڳو ته پارس جڻ لوهه کي ڇُهيو هو. مان ڪي ڏينهن سندس اُن روح رچنديِ رهاڻ کي ڀلائي نه سگهيو هوس. اُن بعد جڏهن ڪڏهن به دهليءَ وڃڻ ٿيندو هو ته شيام سان گڏ سدارنگاڻيءَ وٽ ضرور ويندو هوس. اُن پهرين ملاقات ڪان پوءِ اسان جي وچ ۾ خط پت جي تند به جُڙي ويئي هئي. شيام وانگر سدارنگاڻيءَ جا اکر به موتيءَ داڻا هئا.

قابل ماڻهوءَ جو قدر هر جوءِ ٿيندو آهي. سدارنگاڻيءَ رٽائرڊ ٿي ڪيو ته کيس ٻه سال ايڪسٽينشن ملي هئي. ۵۸ کان ٦٠ سال ٽائين. وري ٻه سال ٻيا به يعني ٦٢ سال تائين. وري ٻه سال ٽيون دفعو ٻ، ته هن صفا انڪار ڪيو هو. اِئين ته نوڪري ڪندي جڙهه نڪري ويندي، ساهتيه لاءِ پوءِ ڇا ڪري سگهندس؟ جيئن تيئن بالا آفيسر کي سچاڻي ورتو هئائين.

نوڪريءَ دؤران ئي ساڻس هڪ عجيب گهٽنا گهٽي هئي، جنهن کي هوُ ڀُلائي به ڀُلجي نٿي سگهيو. سدارنگاڻيءَ کي طهران يونيورسٽيءَ مان D.Lit عطا ڪئي وئي هئي ۽ اِئين هُنجا طهران يونيورسٽيءَ سان پڻ گهاٽا تعلق پئي رهيا هئا. يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر سان سئيءَ ڌاڳي مثل جوڙ هوس. تن ڏينهن ايران جو شاهه رضا پهلوي صاحب ڀارت جي قربائتي ڪوٺ تي اَچي رهيو هو. اِنڊيا جي پريزيڊنٽ ۽ پرائيم منسٽر اِندرا گانڌيءَ جي پوچ تي معتبر هستين ۾ ڊاڪٽر ايڇ. آءِ. سدارنگاڻيءَ جو نالو شامل هو. ايران گورنمينٽ طرفان Vip's نالن جي لسٽ، ائڊريسن سميت آيل هئي، تنهن ۾ سدارنگاڻيءَ جو نالو. RAW ۾ هڙٻڙاهٽ مچي ويئي، ته هيءَ ڪهڙي هستي جيڪا راجڌانيءَ ۾ RAW کان به لڪل ٿي رهي! سدارنگاڻيءَ جي هرهڪ قدم ڪڻڻ تي نظر رکي ويئي. ڪهڙن سان سندس جاڻ - پڇاڻ آهي؟ ڪهڙي وقت، گهران نڪري ٿو، ڪيڏي مهل واپس موٽي ٿو، اِن وچ ۾ ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن سان

ليک / هري همٿاڻي



ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي 'خادم'
شخص ۽ شخصيت

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جو نالو ٻڌندي ئي اکين آڏو هڪ ڏياوان شخصيت ساڪار ٿيو پوي. اِها منهنجي خوش نصيبي هئي جو سندس سدا بهار صحبت مونکي نهايت نزديڪيءَ تان نصيب ٿي هئي. سندس شخصيت گويا گلابن جو گُلدستو. چوڌس خوشبوءِ پيئي محسوس ڪبي هئي. سدا حيات نارايڻ شيام وانگر هو بہ عام ڪان لڪل رهيو هو. ڪي شخص دُرنگي ريت ڪان گهٽو گهٽو مٿي ۽ سچ تہ پوڄا لائق هوندا آهن. سدارنگاڻي اُنهن مان هڪ هو. قد جو ڊگهيرڙو، شڪل صورت شهاڻي، عالم خاندان مان هو. هُن صاحب فارسيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي. ڪئي هئي. ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر هو. نارايڻ شيام اُن ئي ڪاليج ۾ پڙهيو هو. سدارنگاڻي سندس اُستاد هو. شاگرد ۽ اُستاد جو ناتو هند ۾ بہ جان تان قائم رهيو هو. نارايڻ شيام کي دهلي سيڪريٽريٽ آفيس ۾ نوڪري ملي هئي تہ سدارنگاڻي آل اِنڊيا ريڊيو ۾ پرشن وڀاڳ جو پرمُک مقرر ٿيو هو. ساڳئي شهر ۾ رهندي هڪ ٻئي سان ميل ملاقات ٿيندي هئن. دهليءَ جي آسمان ۾ هڪ ستارو اوڀر کُنڊ ۾ تہ ٻيو اولهہ کُنڊ ۾.

دهليءَ منهنجو پائنيو سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو تہ اَڪثر اَچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو پر ٻَتي چڪ هئي پائنئي ۽ نارايڻ شيام سان ملڻ جي. هڪ لڳا نارايڻ شيام سان گڏ مان ڪالڪا ڪالونيءَ سدارنگاڻيءَ جي گهر ويو هوس. اُئين تہ سدارنگاڻيءَ سان ڪنهن نہ ڪنهن ساهتڪ سيمينار ۾ ملڻ پيو ٿيندو هو پر

ڪجهہ بيون بہ سھوليتون. ليڪن سدارنگاڻيءَ اِھو چئي نمرتا سان اِنڪار ڪيو تہ ڪيس حياتيءَ جو باقي عرصو ساھت بِلي صرف ڪرڻو آھي. ڪي ٻيا ڪم بہ آھن، نہ تہ اُھي اَڌورا رھجي ويندا.

اَھڙي شخصيت کي منھنجا سؤ سؤ سلام.

سدارنگاڻيءَ کي احمدآباد، گانڌيڌام يا اُن طرف ڪنھن ٻئي شھر وڃڻو ھوندو ھو تہ اجمير کي اورانگھي وڃي، اِھو ڪانئس ڪڏھن نہ ٿيو ھو. ھوُ مونکي ئي لکندو ھو، ھري اِتي ڪنھن ھوٽل ۾ ھڪ ڏينھن لاءِ ڪمرو ڪري ڇڏج. مان ڪيس رِسيو ڪرڻ لاءِ ويندو ھوس پر ھوٽل ۾ ڪمرو ڪريان، اھڙو خيال ڪڏھن ايندو ئي نہ ھو. مان ڪيس پاڻ وٽ رھائيندو ھوس. ۽ پوءِ سدارنگاڻي ۽ مان ۽ اسانجو شھر. اَدبي محفل مچندي ھئي. آدرش ھاءِ اسڪول جي وڏي اڱڻ ۾ ٺھڪ گونجندا ھئا تہ ڪڏھن سنگيت جا سُر بہ. سدارنگاڻي پنھنجون يادون اسان وٽ ڇڏي، اسانجون يادون پاڻ سان گڏ کڻي ويندو ھو.

ھڪ ڏينھن جو ذڪر آھي، لڙيءَ شام جو مان ۽ سدارنگاڻي مدار گيت ڏانھن پئي وياسين جو پلازا روڊ تي ھڪ ڪار وٽان اَچي لنگھيا ھئاسين. ڪار ۾ دريءَ ڪان جئڪشن ڀالاڻي وينو ھو. سدارنگاڻيءَ کي اِھو ٻڌائڻ لاءِ منھنجي واتان اُمالڪ نڪري ويو ھو، ”ڪار ۾ وينل اِھو سنڌي اَٿوَ، جئڪشن ڀالاڻي، راجستان جو .D.I.G“ اسين ڪار ڪان ڪجھہ قدم اڳتي وڌي ويا ھئاسين. سدارنگاڻي اُمالڪ بيھي رھيو. ھُن فقط منھنجي واتان نالو ٻڌو پر يَر مان لنگھڻ وقت ڪيس ڏٺو ڪونہ ھئائين. ”يوڳ ڪرايونس؟“ مان وائڙو تہ سدارنگاڻي چوي چا تو؟ ٻئي پل ئي موٽ ڪائيندي ھن چيو، ”اچ تہ يوڳ ٿا ڪرايونس.“

ڀالاڻي ڊرائيور جي پر واري سيٽ تي دريءَ ڪان وينو ھو، ڊرائيور کي ڪم سانگي ڪيڏانھن موڪليو ھئائين. سدارنگاڻي ڏانھنس نھاريندي دريءَ جي لڳو لڳ بيٺو ھو. پينٽ، شرٽ ۾ ملبوس قداور شخص، ڊي. آءِ. جيءَ. جي سامھون اَچي بيٺو ھو ۽ چئي رھيو ھو، ”مونکي سڃاڻين ٿو؟“ ڀالاڻي

ملي ٿو، سڄي ڏينهن جي سرگرمين جي سرسري جاچ، هرهڪ پل جو حساب رکيو ٿي ويو. ڪنهن راڄنيتي فرد سان ته واسطو ڪونهيس؟ وغيره وغيره ۽ سدارنگاڻي اِن اُٽل پٽل کان بنهه بي خبر. آل انڊيا ريڊيو جي ڊائريڪٽر کان به پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي، خود ايڪسٽرنلي ڪاتي جي مُخفي ماڻهن کان. مَن ڪٿان ڪو سڳ ملي. پر هجي ته ملي نه؟ هِتي ته راڄنيتيءَ جي ’ر‘ کان به اڻواقف ماڻهوءَ جي جاچ ٿي رهي هئي، سو به RAWجي اعليٰ آفيسر دئاران، جيڪي ڪنهن جي پاڇي کي ڏسي به ماڻهوءَ کي ڳولهي سگهن.

آڪاشواڻيءَ جي ڊائريڪٽر مخفي طور سدارنگاڻيءَ سان جڏهن ڳالهه ڪئي ته ڪائنس ٺهڪ نڪري ويو هو. ساڳئي وقت سندس حيرت جي حد نه رهي ته مار ! ايترا ڏينهن سندس پيڇو ٿي رهيو هو !

اِن سان لاڳاپيل هڪ ٻي ڳالهه به ياد ٿي اَچي. سدارنگاڻيءَ ايران جي پروفيسر دوست ڏانهن خط لکيو هو، خيال ڪيو اَٿم ته پارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”فارسي گويانِ هند وَ سند“ ڇپائجي. پر اُهو هِت نه، ايران ۾ ڇپجي، اِن چاهنا سان توکي لکان ٿو، خرچ سڄو منهنجو، ڇپائي موڪلڻ جو ذمو تنهنجو. اُميد ته اِهو بار پاڻ مٿان هموار ڪندين. اُميد پريءَ موت جو انتظار.

پروفيسر اُن خط جو ذڪر وائيس چانسيلر سان ڪيو ته هُن اُمالڪ چيو، سدارنگاڻي جو ڇپائي، طهران يونيورسٽي ڇپائيندي، ڪيس اَهڙو آفيشل ليٽر لکيو وڃي.

سدارنگاڻيءَ کي لڳو، خدا پنهنجا ڪم پاڻ پيو ڪري. يونيورسٽي ڪتاب ڇپائي ته اِن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشي؟

ڪتاب ڇپجي وڃڻ تي سدارنگاڻيءَ وٽ يونيورسٽيءَ طرفان وِموچن جي موقعي تي شريڪ ٿيڻ جي نينڊ آئي هئي. ٻن هفتن جو ٽوئر هو. ايران جا مکيه استان شهر گهمايا ويا هئا. هُن جو آجيانو به آجياني جهڙو ۽ اَڻ وسرندڙ. ساڳئي وقت يونيورسٽيءَ طرفان ڪيس فقط هڪ پيريڊ لاءِ پرشن (فارسيءَ) تي ليڪچر ڏيڻ جي آڇ ٿي. مانائتي پگهار کان علاوه رهائش لاءِ بنگلو ۽ ڪار ۽

سدارنگاڻي هڪ جج هو، يعني سنڌي ٻوليءَ سان واسطو هوئي جڻ اَڻاڻي هو، ڪنهن کي نگليڪٽ ڪري چاهي سليڪٽ. هڪ ليڪڪ ٻه ڪئنڊيڊيٽ هو، تنهن کي ڦقڙي اَچي لڳي ته سدارنگاڻي ڪيس ڳاهي سليڪٽ نه ڪندو جو هُن سدارنگاڻيءَ لاءِ ڏاڍو بد شد ڳالهايو هو. هُن سرڪاري نوڪريءَ تان والينٽئرلي رٽائرمينٽ ورتي هئي، پر پوءِ بزنيس ۾ ڪامياب ڪونه ويو. سيڙايل رقم ٻه اُڌوهي ڪائي ويس. ڏاڍو پشيمان، پريشان رهڻ لڳو هو. بس هيءُ ئي هڪ آڌار هو، اگر اُهو ٻه هٿان ويو ته سندس زندگي اونداهي غفا بڻجي ويندي. هوُ سدارنگاڻيءَ جي گهر ويو ۽ پنهنجي ڪئي جو پڇتاءُ ڪيائين.

ليڪن سدارنگاڻيءَ سڀ ڄاتو ٿي. اهڙا شخص وير نه پاڙيندا آهن. خدا ترس هوندا آهن. ڪنهن جو ٻه دل ۾ نه ڪرڻ، معاف ڪري ڇڏڻ منجهن وڏو گڻ هوندو آهي.

هرومل سدارنگاڻي هنسي مذاق جو ڪوڏيو هو. مهل توڙي موقعي جو مور. ڇا ته سندس گفتا هوندا هئا، ٺهڪ اصل اُٿلي پوندا هئا. هڪ لڳا سدا حيات ڪري موٽواڻيءَ جو ذڪر نڪتو هو. تن ڏينهن هوُ پنهنجي منڙي وطن سنڌ مان ٿي آيو هو. چوندو هو، اِها منهنجي زيارت هئي ۽ پنهنجي نالي پٺيان ’سنڌي‘ سڏائيندو اَٿوَ. ته اُمالڪ چيائين، ’’چو، اڳي انگريز هو ڇا؟‘‘ چوڻ جو لهجو اَهڙو هوس جو مون ڪان ٺهڪ نڪري ويو.

سدارنگاڻيءَ جي اِن صُفت ڏانهن منهنجو ڌيان ور ور پيو ويندو آهي ته منجهس ڪيڏي نهٺائي هئي! سندس هيترا سارا ڪتاب نڪتا پر ڪنهن ٻه ڪتاب تي توهانکي ’ڊاڪٽر‘ ڊگري، نالي سان ڳنڍيل نظر نه ايندي. هوُ صحيح معنيٰ ۾ فقط ’خادم‘ هو. سچ ته هُن علم ۽ ادب جي خدمت ۾ ئي زندگي صرف ڪئي. ادب سان بي پناهه محبت ۽ پنهنجي وِڏوا ڀيڻ جي پريوار جي پالنا ۽ پرداخت لاءِ يا عمر پاڻ شادي ڪانه ڪئي.

14, Tiloknagar,
Ajmer - 305001

حيرت مان ڏانهنس نهاريندو رهيو. ساڳئي وقت ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪا سامت چپ هو. پوءِ ناڪاري ڪنڌ ڌوڻي چيائين، ”نہ“.

”مان سدارنگاڻي آهيان“سندس واتان فقط اِهي لفظ نڪتا هئا.

هو اُمالڪ ڪار جو در کولي هيٺ لٿو. سدارنگاڻيءَ جا چرڻ ڇُهي، هٿ ٻڌي چيائين، ”مون ڪونہ سڃاتو سائين، مونکي معاف ڪيو.“

سدارنگاڻيءَ سندس ڪُلهي تي هٿ رکي چيو، ”هريءَ ٻڌايو تڏهن موٽ ڪائي توسان ملڻ آيس.“

”مون لاءِ ڪا خدمت؟“ هٿ ٻڌا ئي پيا هئا. شرمساريءَ وچان هُن ٻيهر معافي گُهري. ”ڪيڏانهن وڃڻو اَٿوَ، اُتي مان اوهانکي وٺي هلان. ڊرائيور کي ڪم سان موڪليو اَٿم اِجهوڪِي آيو.“

”ڪيڏانهن وڃڻو ڪونهي، ٿوري واڪنگ ڪندا گهر پهچنداسين.“

سدارنگاڻي سندس پنهنجي نپنپائي اڳتي وڌي ويو هو. هلندي هلندي ٻڌايائين تہ ٻالاڻي ڪراچيءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ منهنجو شاگرد هو.

هي سڀ لکندي اُها سڄي روئداد اکين اڳيان ڇڻ تري پيئي. يادن جو ڳ ويا ڪو درياهہ آهي جو لس ليٽ وهي پيو.

سدارنگاڻي نِج سنڌي ٻوليءَ جو شائق هو. پنهنجي اَمڙ جي ٻوليءَ لاءِ پردي پنيان رهي هُن گهڻو ڪُجهہ ڪيو، اِها مونکي ذاتي ڄاڻ آهي. هو صاحب جڏهن سي.ايچ.ڊي. جي سنڌي وياڳ جو وائيس چيئرمن هو تڏهن هوم منسٽريءَ مان وٽس هڪ ليٽر آيو هو ۽ اُن سان گڏ ڪجهہ نالن جي لسٽ پڻ، تہ هنن کي سنڌي ڪائونسل تي ميمبر نامزد ڪيو وڃي.

سدارنگاڻيءَ ڏٺو، هي تہ يَت ۾ ڪبر تي پوي. سڄي راجنيتي ڪيڏ هئي. اَهڙو جواب لکي موڪليائين جيئن نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ نہ ڀڄي. ٿيو بہ ائين ئي. هوم منسٽري پنهنجي ليٽر کي خارج نوڪريءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

آڪاشواڻيءَ تان سنڌيءَ ۾ نيوز نشرتين، سنڌي جاتيءَ طرفان اِها گُهر قبول ڪئي هئي. جيڪي ڪئنڊيڊيٽ هئا، پرسنل انٽرويو ۾ ڊاڪٽر هرومل

ई मुओ पियो हूंदुसि, पर घंटी कोन वज़ाईंदुसि। तो नंढे हूंदे मिन्ध में इहा कहाणी ज़रूर पढ़ी हूंदी। राजा वटि हिकु तोतो रहंदो हो। हिक दफ़े वटिस अहिड़ो माण्हू आयो, जेको तोते जी ॿोली सम्झंदो हो। तोते खां पुछियाईं तुंहिंजे देस झंगल थो वञां, को नियापो सनीहो ड्ियणो हुजेई त ड्रे। तोते चयुसि त मुंहिंजे माइटनि खे चइजि त मां सोने जे पिञरे में रहंदो आहियां, सभु ताम हाज़िर अथमि पर ड्राढो अकेलो आहियां। पंहिंजी ॿोली ॻाल्हाइण वारो कोई कोन अथमि। माण्हू जड्हिं वापसि वरियो त तोते पुछियुसि मुंहिंजे माइटनि छा चयो। उन माण्हूअ ॿुधायुसि, चयाऊं त कुझु कोन, बसि नियापो ॿुधंदेई सभु पंहिंजियुनि टारियुनि तां किरी पिया ऐं मरी विया। ॿुधण शर्त उहो तोतो बि पंहिंजे पिञरे में किरी पियो। राजा खे थियो त शायद ही बि मरी वियो आहे। पिञरे मां कढी ॿाहिर उछिलण जो हुकुम कयाईं। तोते खे जीअं ई पिञरे मां आज़ादी मिली त उड्रामी वञी पंहिंजनि माइटनि सां मिलयो। हिननि त खेसि आज़ाद थियण जी अटिकल सम्झाई हुई। अॼु जे मां किरी पवां त उड्ड्री मूंखे केड्रांहुं वञिणो आहे?''

डिनर ख़त्म थी चुको हो। कोहीड़े में वधीक रहण मुम्किन बि कोन हो। हरी चई रहयिो हो ''आईस्क्रीम?'' उन ते झनखना कंधु लोड्रींदे चयो, ''ना मने खीर छे, हरेश ने श्रीखंड फावे छे।'' मूं बि कंधु लोड्रियो। मूं अखिल निखल के पैकेट ड्रिना। झनखना मूंखे बि हिकु पैकेट ड्रिनो। उन में जेको पियो हो कढी ड्रेखारियाईं, इंग्लिश लेदर आफ़टर शाव, टाक जो हिकु आऊंस वारो नंढो दॿो,जरनि

मिसक फ़ार मैन जी ईवनिंग एडशन जी हिक शीशी ऐं विलायती जोराबनि जी हिक जोड़ी। पोइ तइ थियो त हरी झनखना, ब॒ार सभु स्टेशन ताईं मूंखे छड॒ण हलंदा। संदनि घुमण थी वेंदो। हूअं बि पीर मर्द जे आराम जो वक़्तु थी चुको आहे। मां खाउंसि मोकलाइण संदसि कमरे में वियुसि। मूं खेसि जाग॒ाइणु वाजिबु कोन सम्झियो ऐं गाड॒ीअ जो वक़्तु बि बिलकुल भरिजी आयो हो। मां आहिस्ते कमरे मां ब॒ाहिर निकरी आयुसि।

हरी मुंहिंजो सूटकेस डिकीअ में रखी अची चुको हो। असीं हेठि लथासीं। हरीअ कार जा दरवाज़ा खोलिया। ब॒ार ब॒ारी ब॒ारी चिलाए रहिया हुआ। ओचितो हेठिऐं घर में ज़ोर सां घंटी वज॒ण लग॒ी। घर जो मालिक रड़ियूं कंदो ब॒ाहिर निकरी आयो। "चावड़ा भाई, झनखना, हरी भाई ..."

घंटीअ जो वज॒णु बंदि थी वियो। सभिनी जे मुंहं जो पनो लही वियो। उहा घड़ी, छा अज॒ु हीअंर ई अचिणी हुई, मूं सोचियो। सभेई घब॒िराहट में मथे डोड़िया, हरीअ तालो खोलियो त पीर मर्द सा॒म्हूं बीठो हो। हरीअ खां रड़ि निकरी वेई। "बाबा तव्हीं!"

"हा, हरी, मूं सोचियो, मां मीरां जे घोट खां मोकिलाए छड॒ियां। कहिड़ी ख़बर हू मरण खां अग॒ु मूंसां सिन्धीअ में ग॒ाल्हाइण वारो उहो आख़री इन्सान हुजे।"

पाण वठां, स्नान कोठीअ में बि पाण ई ... हरी ऐं जया ब॒ई मूंहिंजो चङो ख़्यालु रखंदा आहिनि। पराई ज॒ाईअ लाइ मां कुइ कोन ग॒ाल्हाईंदुसि। ब॒ार बि चयो कोन टारीन। को अहिंजु कोन्हे। पर पुट तूं समझी सघंदें। मां ड॒ाढो उब॒ाणिको थो गुज़ारियां। सिन्ध मां अचण बैदि मूं सज॒ी ज॒मार अजमेर में गुज़ारी। पंहिंजो ओड़ो पाड़ो, अज़ीज़ हुआ। रिटायर कयुमि त बि झूना यार दोस्त, सतसंग, दरब॒ार। सदोरीअ जे गुज़ारे वञण बैदि बि मां पंहिंजी सतसंगी छब॒ल सां गडु वञी रहियुसि, जेको या उमिरि कुंवारो रहियो। पर उहो बि दोखो ड॒ेई वियो। त बि अजमेर छड॒ण जी कोन कयमि। धीउ नेणी वठी वेई पाण सां।'' उते पीर मर्द कुझु रुकयो हो। साहु पटियो हुआईं या को उभो साहु खंयो हुआईं। ''पर ज़मानो! धीउ वटि माण्हू केतिरो रहंदो! हरी ज़िदु करे नेठि हिते वठी आयो। हाण हिते गुरू बाबो मूंखां अलाए कहिड़ो इम्तिहान वठी रहियो आहे, जो हीअ सेखयत ड॒िनी अथाईं। हरीअ जहिड़ो पुटु गुरू शल हरकंहिं खे ड॒िए। पर हिते मूंसां ग॒ाल्हाइण वारो कोई कोन्हे। कोई ग॒ाल्हाए बि छा में। हरी खां सवाइ कोई सिन्धी समझे बि कोन। हू सुबह जो सवेल घर मां निकरे त मोटंदे रात थी वञेसि। पाड़े में हिकु बि सिन्धी घरु कोन्हे, कोई मूं वटि अचे कोन मां हेठि लही सघां कोन। मां त बारड़नि जा ब॒ोल ब॒ुधण लाइ बि पियो सिकंदो आहियां। हिन वहीअ में अण ब॒ुधल अखर मूंखां उकलनि कोन था। जेतिरो वक़्तु जाग॒ंदो आहियां, पियो मन में गुरू जी ब॒ाणी पढ़ंदो आहियां। गुरू खां पंहिंजा गुनाह पियो बख़्शाईंदो आहियां। अलाए

कहिड़नि कर्मनि जो फलु आहे, हीउ गुरूअ सां ई पियो ग॒ाल्हाईंदो आहियां। अखियुनि में तेज कोन्हे, सिन्धीअ में कुझु पढ़ी बि कोन सघंदो आहियां। गुरूअ खां पियो पुछंदो आहियां त गुरू महिराज मूंखां जेको इम्तिहान वठी रहियो आहीं, मां उनजे क़ाबिल आहियां सहीं! अड़े जोगि॒ी जोग॒ पचाईंदा आहिनि त बि पाण जहिड़नि जोगि॒युनि जो संगु ग॒ोल्हींदा आहिनि। हिते बाबल मां त को जोगि॒ी बि कोन आहियां।''

विच में झनखना जे हिक नुकते ज॒णु मुंहिंजी सिसी कोहीड़े मां कढी धार कई। पिए बु॒धायाईं, ''उते यूनेनस जा बि के उसूल आहिनि। उहे चवनि वी डोंट सपोर्ट बैड वरकर। वी सपोर्ट वेलफ़ीअर, बेटर एडयूकेशन, बेटर होम्स, बेटर कम्फ़ोर्टस फ़ार ओलड ऐज ...''

मां सिसीअ सूधो वापसि कोहीड़े में हलियो आयुसि। ''हरीअ खे मुंहिंजो केड॒ो ओनो आहे। हेड॒ाहुं हीउ ड॒िसु! अध खां वधीक वक़्तु त घर में केरु कोन हूंदो आहे। अखिल निखल बि मंझंद खां पोइ घरि मोटनि। सभु हलिया वञनि ऐं जे ओचितो कुझु चङो माठो थी पवे ते केरु वाहिरु थींदो। उन लाइ बिस्तरे वटि हीअ घंटी हणाए ड॒िनी अथाईं। बटणु दबा॒यां त हेठि पाड़े वारनि वटि घंटी वज॒ंदी। घर जी हिक चाबी॒ खेनि ड॒िनल आहे। अञां त गुरूअ जी महिर आहे, कड॒हिं अहिड़ी ज़रूरत कोन पेई आहे। पर जे को मथे आयो बि त वाहिर छा में थींदो! हू सिन्धी समझी सघंदा कोन, मूंखे गुजराती ईंदी कोन्हे। इनकरे ई जया खे चवंदो आहियां त जया डिसिज कंहिं ड॒ींहुं तूं घर जो दरु खोलींदीअं ऐं मां पंहिंजे बिस्तरे में

हीअंर टयूब जे रोशनीअ में मूं खेसि वरी ड्रिठो। कफ्पिड़निन खां वधीक उजरो मूंखे संदसि रंग लगो रहियो हो। अहिड़ी सिफ़त जेका सभ खां पहिरीं ध्यान छिकाए, संदसि अखियूं कुझु नीरेसड़ियूं हुयूं, अच्छयूं भिरूं, अच्छा वार, वेकरी पेशानी, मुंहं ते घुंज पर ग्रिलनि जे मज़बूत हड्डियुनि जे करे उहे कंहिं कोके ते टंगियल घुंजनि जी तस्वीर लगाए रहिया हुआ। ८८ सालनि जो ही शख़्सु काके भेरूमल महिरचंद जे सिन्धी हिन्दुनि जे तारीख़ मां को सिन्धी दीवान निकिरी अची मुंहिंजे भरि में वेठो हो। मूंखे लगो मां कंहिं स्पष्ट सारूणीअ जे मूर्छा में घिलजंदो थो वञां। मूं वरी पंहिंजो सवालु दुहिरायो, "बाबा कीअं आहियो?" पर उन विच में हू शयद को जवाबु ड्रेई चुको हो, जेको कमरे में मौजूद आवाज़नि जे भीड़ में वर चढ़ी वियो हो। मुंहिंजे टियों दफ़ो पुछण ते हिन हीअंर मुंहिंजो हथु पकिड़ियो ऐं उथारे पंहिंजे रूम ड्राहुं वठी वञण लगो। उथण खां अगु हरीअ सां झनखना सां किथे उहो अन्याउ त न थींदो, सोचे मूं ब्रिन्ही ड्राहुं निहारियो। हरी सिर्फ़ खिलयो। झनखना खे लगो, संदसि वात जो गिरहु को ब्रियो खसे रहियो आहे, पर कुछी कोन सघी। अखिल निखल त हूअं ई टी.वी. में मस्तु हुआ। ईएं त हरी ऐं झनखना लाइ बि टी.वी. कम्पनी थी थे सघियो।

मूं पंहिंजो हथु कोन छड्रायो। कमरो हिकु ई हो, पर कंहिं दृश्य विथीअ खां सवाइ ई उहो ब्रिनि हिसनि में विराहयलु हो। अधु नरसिंग होम जो वार्ड पिए लगो ऐं बाक़ी अधु स्टोर रूम। स्प्रंग सां हेठि मथे थींदड़ टेक वारो बेड, अच्छे रंग वारो स्टूल, पाणी, खीर जा

फ़िलासक, सफ़ेद चादर विहाणो, दवाऊं, कचो साबुण डेटाल, गेंडी पाणीअ जी ढकियलु ड्रोलु, नैपकिन टुवालु, ब्रिए तरफ़ बैगस, हरीअ ऐं झनखना जा पुराणा फ़ाईल, किताब अखिल निखल जा टुटल फुटल रांदिका, जूतन जो शेल्फ़। मां स्टूल छिके वेही रहियुसि, पीर मर्द पंहिंजे बिस्तरे ते मथभरो टेक ड्रींदे लेटी पियो। उन खां अगु त मां पंहिंजो सवालु चौथों दफ़ो दुहिरायां - पीर मर्द ग़ाल्हाइणु शुरू कयो। मूंखे लगो मां पहाड़ जे कंहिं मथाहीं चोटीअ ते बीठल कंहिं अकेले मकान ड्रांहुं वधी रहियो आहियां ऐं पीर मर्द जूं ग़ाल्हियूं ककरनि जे कारे धुंध वांगुरु मूंखे वकोड़ींदियूं थियूं वञनि। उनजे नज़दीक पहुची वञण बैदि मूंखे सिर्फ़ उहो अकेलो मकान नज़र थे आयो बाक़ी सभु धुंध में ई वकोड़ियलु थो रहे। उहो बि विसरी थो वञे त हेठि लहण लाइ मूंखे वाट बि नज़र कोन ईंदी। पर ओचितो जड़हिं झनखना उहो अची थी चवे, ''बाबा एम टी जोवुं छे'' त लगो कंहिं ड्राकण ते धरती रखी मूंखे हेठि लाहे वरितो आहे।

धरतीअ ते पहुचण बैदि मां सिधो डाईनिंग टेबल ते वञी वेठुसि। झनखना जे विलायत जे ट्रप जो ज़िकुर पिए थियो। उते लेडीज़ केतिरियूं बोलड आहिनि। पंहिंजे अगुवाननि जे केतिरी सख़्त नुक्तचीनी पिए कयाऊं उन कान्फ्रंस में, जंहिं में झनखना वेई हुई। हरी हीअंर अंग्रेज़ीअ में कुझु चयो। मां हेठि त लही आयो होसि पर कोहीड़ो बि पाण सां खणी आयो होसि। ''हा पुट, मां बिलकुल ठीक आहियां। ईश्वर जा लख शुक्राना, पंहिंजीअ हलंदीअ पियो हलाए। चांहिं जो कोपु बि जया खे धोई ड्रींदो आहियां। दवा बि

निखल खे गुजरातीअ में ब॒धायो त हूअ जेका पंहिंजी मीरा आंटी आहे न, ही उनजो ... अखिल निखल मूंखे सुञातो। हाइ हेलो कयाऊं पर संदसि अखियूं टी.वी. में ई खुतल हुयूं। झनखना शायद एप्रन लाहण हली वेई। जड॒हिं मोटी त मूं पंहिंजे देर सां अचण जो ख़लासो ड॒ियणु शुरू कयो त हरीअ विच में हिकु अधु टहकु ड॒िनो ऐं झनखना वरी सलीक़े सां माफ़ी घुरी किचन में कुझु ड॒िसण हली वेई। मां सोचे कोन सघियुसि त आख़िर पंहिंजी ताण जो कहिड़ो कारणु आहे, या छो अञां ताईं मां उनजे ग्रफ़त खां आजो न थी सघियो आहियां। ड्राईंग हाल जी कुंड वटि हिक वड॒ी डाईनिंग टेबल रखियल हुई ऐं उन ते ई मेणबती स्टेंड हो। टेबल वटि दीवार ते मूंखे हिकु वड॒ो आईनो नज़र आयो। जंहिं में विच विच में झनखना ड॒िसिजी थे वेई। पोइ ओचितो आईने जे ठीक विच ते हिकु इन्सान अची बीही रहियो।, जेको जेतिरो ई डिघो हो ओतिरो ई सन्हो हो। ख़ूब सफ़ेद अच्छो उजिरो वग॒ो पियलु, मथे ते हिकु कपिड़ो ब॒धलु उहो बि अच्छो। झकी रोशनीअ जे पीलाण में संदसि चहिरो चिटो नज़र न थे आयो। हिक हंधि बीही मूं ड॒ांहु यकटिक ड॒िसी रहियो हो या मूं ईऐं भांयो। मुंहिंजी चुरिपुर ज॒णु रुकजी वेई त हरीअ चयो, "पीर मर्द ..."

मां उथियुसि. हलण लाइ पुठियां रस्तो ग॒ोल्हण लग॒ुसि पर हरीअ चयो, "हेड॒ांहं" ऐं अग॒ियां वठी हलियो। असुल में उहो को आईनो कोन हो। डाईनिंग टेबल वटि किचन सां ग॒ुंढियल हिक विंडो हुई। मां धीरे धीरे वञी संदसि अग॒ियां थोरो झुकियुसि। हिन मुंहिंजे

चौधारी पंहिंजूं ब॒ांहूं फहिलाए छड़ि॒यूं। पर उन मां मूंखे का चुभन महिसूस कोन थी, उटलो लगो॒ त तसकीन जो को गहिरो अहिसास उन पिञरे में टिमण लगो॒ हो। पोइ हिक फींग मुंहिंजे गर्दन वटां खिसकी क़मीस जे अंदर फहिलजी वेई। बतियूं कोन्हनि, पंखा बंदि आहिनि, मूंखे यादि आयो। मूं खेसि हथ खां पकिड़ियो त हिन पाण ई हलणु शुरू कयो। पोइ ब॒ई अची ड्राईंग हाल में सोफ़ा ते वेठासीं। मूं पुछियो, ''बाबा कीअं आहियो?''

ओचितो बतियूं ब॒री उथियूं। गड़ि॒यल सुरनि में हिक चीख़ वरी उभिरी शांत थी वेई, पर सन्नाटो वापसि कोन आयो। टी.वी. रड़ि करे उथियो, ''कालगेट का छोटा पेकेट, कालगेट का छोटा पेकेट खोलो दबाओ ... काल ...'' मूंखे लगो॒ उहो आवाज़ ब॒िनि हंधां अची रहियो हो। पोइ ड॒िठुमि अखिल निखल बि टी.वी. सां गडु॒ ग॒ाए रहिया हुआ। हरीअ जो हिकु टहकु हिक वड॒ी गूंज सां ड्राईंग हाल में फहिलिजी वियो। झनखना बि ओचितो खिली पेई। गुजराती हिन्दीअ में विलायत जे ट्रप जूं ख़बरूं ड॒ींदड़ संदसि पुर कशिश आवाज़ु जंहिं जी मुब्हम नफ़सयात मूंखे मघन बणाए छड॒ींदी हुई, टी.वी. जे आवाज़ सां चटाभेटी करण लगो॒। अखिल निखल टी.वी. जो आवाज़ घटि करण कोन पिया ड॒ियनि। उन विचमें मूंखे यादि आयो। मुंहिंजो को सवाल किथे पट ते किरी पियो हो। मूं उहो खणी वरितो ऐं उनखे ज॒णु उघी चयुमि, ''बाबा, तव्हीं कीअं आहियो?''

टहक डींदो हो मूंखे घणो ग़ाल्हाईंदड़ ऐं हलिके बल्कि दस्तूरी नमूने खिलंदो नज़र आयो। हरीअ जे ८८ सालनि जे पिता सां पहिरियों दफ़ो मिलण जे ख़्याल सां त मूंखे मोंझि थियण लगी।

हरीअ जो फ़ोन नम्बर बि बदिलिजी वियो हो ऐं घरु बि। फ़ोन जो पतो त होटल जे रिसेप्शनिस्ट लगाए डिनो ऐं घर जो पतो ख़ुद हरीअ फ़ोन ते डिनो। स्टेशन खां डुहाको किलोमीटर परे हिक नईं सोसाईटी ''निरवाण'' हा, ''निरवाण'' सोसाईटीअ में पंहिंजो फ़्लैट वरितो हुआईं। डुखियो कोन्हे। एरिया ऐं रोड जो नालो, साम्हूं भारत पेट्रोलियम जो पम्प, पहिरीं घिटी छडे, बी घिटी, जंहिं जे मुहिड़ वटि वणु आहे ऐं थोरो अगियां लोकल बस स्टाप। हा, नम्बर ते थोरो ध्यान डिज, आडे उबते नमूने डिनल आहिनि ... मां पाणेही कार में स्टेशन ते तोखे छडे वेंदुसि। झनखना ऐं पीर मर्द सां मिलण खां सवाइ तूं कीअं वेंदें? अखिल निखल बि हाण वडा ...

टी जे दौरान ख़बर पेई त मुंहिंजी टिकेट कन्फ़र्म थी चुकी आहे। मूं मुख्य महिमान खे संदसि असराइती तक़रीर लाइ वाधायूं डिनियूं। ब़ाहिर दुकान तां अची अखिल निखल लाइ कुझु वरितुम। रिक्शा करे होटल मैनेजर वटां सूटकेस कलेक्ट कयुम। दुकाननि जा शटर्स किरण लगा हुआ। भारत पेट्रोलियम जे पम्प ताईं त सभु सही हलियो पर घिटीअ जे मुहिड़ वारो वणु विसरी वियो। सोसाईटीअ जूं घिटियूं कचियूं ऐं स्ट्रेट लाईटस डिम हुयूं। नम्बर पढ़ी सघणु मुश्किल हो। पुछा करण ते जेको डसु मिलयो, खाबे साजे उहो ग़ल्ति ई निकतो। नेठ हेठि लही मूं वञी हिक घर जो दरु खड़िकायो।

गुजराती ढंग जी साढ़ी ओढियल भरियल भरियल हिक गोरी औरत निकती। मूं खांऊंस निहठाईअ सां पुछियो, हरी चावला जो घरु किथे आहे। चयाईं उन नाले वारो को शख़्स निरवाण सोसाईटीअ में कोन रहंदो आहे। वरी पुछियाईं, छा कंदो आहे। मूं चयो, यूनीसेफ़ जे मकानी प्रोजेक्ट में आहे, उहो खेसि वधीक सम्झ में कोन आयो। पोइ खेसि ॿुधायुमि त सिन्धी आहे। उन ते चयाईं उहो त कोन्हे जंहिं जी ज़ाल कालेज में पढ़ाईंदी आहे। ''हा ... आ ... आ'' दरि असल झनखना यूनिवर्सिटी डिपाटमेन्ट में हुई। ''हरी भाई चावड़ा कोन्हे!'' पोइ ड्राईवर खे सॾे कुझु सम्झायाईं।

हरीअ जो घरु हिक कारनर वारी बिलडिंग में ॿी मंज़िल ते हो। हेठि हिक कचे शेड हेठां कार बीठल हुई। मां सूटकेस खणी ॾाकण जा ॿ ॾाका चढ़ियो ई होसि त बतियूं गुल थी वयूं। गॾियल सुरनि में हिक चीख़ उभिरी शांत थी वेई। तुरत दरियुनि मां झीणी रोशनी लीआ पाइण लॻी। पर चौ तरफ़ टी.वी. जे आवाज़ बंदि थी वञण जे करे ज़णु हिकु सन्नाटो छांइजी वियो हो। मूं खिन पलु इंतिज़ार कयो। पोइ ॾाकिणियूं चढ़ी वियुसि ऐं आहिस्ते दरु खड़िकायुमि। हिक ॿाराणे सुर ''करण'' सां दरवाज़ो खुलियो त मूं चयो, ''हरी भाई चावड़ा छे?'' उन ते हरी निकरी आयो, संदसि टहिक ॿाहिर तरसियल सन्नाटे खे कंबाए छॾियो। ड्राईंग हाल में घिड़ियुसि त झनखना किचन मां निकरी आई, एप्रन सां हथ उघी मूंसां हथु मिलायाईं। मूंखे तसली थी, घणी देर कोन थी आहे। पर मेण बतीअ जे रोशनीअ में सभु कुझु थोरो असहिज थे लॻो। हरीअ अखिल

ग़ज़ल / हर्षा मूलचंदाणी



अर्श में तारा खिड़िया ॾिसु केतिरा
ज़ख़्म सांढे मूं रखिया ॾिसु केतिरा

लाॾली घर मां विदा थी अॼु हली
पीउ ॻोढ़ा रोकिया ॾिसु केतिरा

सूर सिक जा किन अंदर में भी सठा
अश्क रोके के खिलिया ॾिसु केतिरा

क़ुदरती कहिढ़े क़हर बरबाद थिया
रात जो पट ते सुमहिया ॾिसु केतिरा

अॼु ठहनि था पो विढ़न था पाण में
चैन सां सचुपचु जिया ॾिसु केतिरा

पाप जा संदूक ख़ुद हासिल करे
उमिर भर पर ख़ुश रहिया ॾिसु केतिरा

B-4 Lake City Enclave
Nr. Lilashah Ashram
Fatak Road
Bairagadh - Bhopal 462030

कहाणी / हरेश वासवाणी



घंटी

फ़ंक्शन पूरो थियण में देर थी रही हुई। मुख्य महिमान जी तक़रीर ककि करे रही हुई, वरी मथां शुकिरअदाई करण वारनि जी ईंघ जो डपु। पर फ़ंक्शन खां पोइ "टे" में हुजण ज़रूरी हो मूं लाइ। टिकेट जी कन्फ़रमेशन जी ख़बर बि उन वक़्त ई पवणी हुई। उन विच में मां केई दफ़ा गाॾीअ जे कंडक्टर जे पुठियां ॾुकी चुको होस। आज़ी निज़ारीअ खां सवाइ हिक दफ़ो संदसि खीसे में वीहन रुपयनि जो नोटु बि विझी ॾिठुम पर आथतु कोन थे थियो। तक़रीर मूंखे बार बार हाल खां ॿाहिर कढी अलाए किथे उछिलाए थे छॾियो। प्रोग्राम मुताबिक़, मूंखे फ़ंक्शन तां थी हरीअ ऐं झनखना वटां डिनर खाई, सिधो स्टेशन ते पहुचणो हो। पर मुख्य महिमान पंहिंजी ज़बान जे कैंचीअ बिनां मुंहिंजी मुलाक़ात खे कतरींदो थे वियो। वक़्तु सुसंदो थे वियो। एतिरे क़दुर जो झनखना जो मोहक आवाज़ु ऐं संदसि गुजराती हिन्दीअ वारो ख़ासि लहिजो मूंखे बिरु करण लॻो हो। हरी जेको विच विच में कुझु मुख़्तसर अंग्रेज़ीअ में चई वॾा

ग़ज़ल / लक्ष्मण दुबे



जीअं त ख़ाक़ जे ढेर में चिंगारीअ जो राज़ु
मां पिण मूंसां थी सघां कड़हिं - कड़हिं नाराज़ु

घोर अंधेरा थे थया बुझिया दीप तमामु
मिटी वियो दुनिया मंझां जड़हिं इश्क़ जो नामु

हेठि किरयल हिक सूफ़ ते न्यूटन जो हो ध्यानु
उभ डे उथंदड़ वण संदो किथे डिठई ओमवानु

हिक पागल हिक संत में फ़क़त ऐतरो भेदु
हिकु स्वामी आ ग़ैब जो ब्रिये कइ ग़ैब हिकु क़ैदु

पायल हिन या बेड़ियूं मतां पुछीं सरकार
क़ैदि कड़हिं खां आहियां चवंदइ हीअ झंकार

मां शीशो मुंहिंजो टुटण साधारण दस्तूर
तूं पत्थर हुएं थी वएं छा कइ चकनाचूर

कड़हिं न कंहिंजी टोड़िजंइ तूं आशा जी तार
मतां इहा ई हिक हुजे दौलत हुन वटि यार

309/C Natashah Society,
Opp. Old Petrol Pump, Mira Bhayander Road,
BHAYANDER, (E) Mumbai - 401105

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540